
چاندني تو سوا نہ ٿيندي
مسرور پيرزادو

# چانڊني تو سوا نہ ٿيندي

(شاعري)

مسرور پيرزادو

ڪنول پبليڪيشن، قنمبر

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب: | چانڊني تو سوا نہ ٿيندي |
| موضوع: | شاعري |
| ليکڪ: | مسرور پيرزادو |
| ڇاپو: | پهريون |
| سال: | 2001ع |
| ڇپيندڙ: | ڪنول پبليڪيشن، قنمبر |


**"Chandni To Siva Na Theendi"**
Poetry Collection
By Masroor Pirzado

# ارپنا

پنھنجي ماءُ جي نالي

تارازيءَ ۾ سوچ جي، توکي توريو مون،
منھنجي امان تون، ڀاري ساري جڳ تي.

(مسرور پيرزادو)

# سنڌ سلامت پارانِ :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(265)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ڪتاب **”چاندني تو سوا نہ ٿيندي“** سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت شاعر **مسرور پيرزادي** جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي.

هي ڪتاب **ڪنول پبليڪيشن، قنمبر** پاران 2001ع ۾ ڇپايو ويو.
ٿورائتا آهيون پياري مسرور پيرزادي جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ شيئر ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

مهاڳ : اعجاز منگي

# دل ۽ دنيا جي وچ ۾

اهي سڀ ڳالهيون جيڪي منطق جي مٿ ۾ نہ ٿيون اچن تن جي لاءِ هيءَ دنيا "ديوانگيءَ" وارو لفظ استعمال ڪري ٿي. حيرت آهي تہ هوءِ ان لاءِ معصوميت وارو لفظ استعمال ڇو نہ ٿي ڪري؟ ان جو سبب احساسِ جرم کان سواءِ ٻيو ڇا ٿو ٿي سگهي؟ پوءِ پلي ان احساس جو اظهار "آڪڙ" پريل اسٽائيل ۾ ڇو نہ ڪيو وڃي!

هيءَ دنيا جنهن جي نظر ۾ سڀ کان وڏي اهميت دڪان جي آهي ۽ جنهن جي نظر ۾ سڀ کان ڪارائتي لکٽي حساب ڪتاب واري هجي ٿي، تنهن جي نظر ۾ اهي سڀ ليکڪا ۽ سڀ لفظ جيڪي تخليق جي دائري ۾ اچن ٿا سي ديوانگيءَ جي پيداوار هجن ٿا. جيڪي مائيڪل اينجلو ڪيڏي پنهنجو نالو امر ڪري ويو ۽ شيڪسپيئر جي هش سان لکيل اهي لفظ جن کي فنا جو هٿ نہ ڇهي سگهيو آهي سي سڀ اجايا آهن. جڏهن تہ انهن ديوانن ئي هن دنيا جي حسن ۾ اضافو آندو آهي، انهن ديوانن جي ڪري دنيا ۾ پيار ۽ اعتبار جي تصورن کي سگهہ ملي آهي پر دولت کي دانائيءَ جي ڪسوٽي سمجهندڙ ان راءِ جا آهن تہ پئسي پائيءَ کانسواءِ باقي سڀ ڪجهہ ڏوڙ ڇائي آهي.

انهن ئي ماڻهن جي لاءِ اياز لکيو هو تہ:

ڪي مال ميڙن ڪي آڪڙن ٿا  
ڪنهن کو نہ ڄاتو تہ ڳلڙا ٽڙن ٿا

اهي دولت جي انبارن کي ڏسي خوش ٿيڻ بدران چنڊ ستارن کي ڏسي خوش ٿين ٿا ۽ جيڪڏهن انهن جي گهر مان چوري ٿي وڃي ٿي تہ هو ان خيال سان بہ دل کي خوش

ڪري ونن ٿا تہ "چور گھر ڪي لٽي بہ ويو آهي تہ ڇا هي اجان تہ منهنجي گھر جي ول تي ڪيئي ماڪ ڦڙا چمڪن ٿا" اهڙن خيالن جو بيپرو اهيءَ سان اظهار ڪرڻ وارن کي ديوانو قرار ڏيڻ وارا ماڻهو پاڻ پئسي ۽ پاور جي پويان ڇتا آهن ۽ انهن کي تخليقارن جي مٿان اهڙا الزام مڙهي جهڙوڪ دلي اطمينان حاصل ٿئي ٿو.

جڏهن تہ آرٽسٽ بنيادي طور تي معصوم هوندو آهي. آرٽ جي حوالي سان مون جيترو بہ سوچيو آهي تہ مون کي سدائين اهو محسوس ٿيو آهي تہ آرٽسٽ اهو انسان آهي جنهن جي اندر جو ٻار ڪڏهن بہ وڏو نہ ٿو ٿئي.

اهي آرٽسٽ جيڪي مخصوص وقت کان پوءِ تخليق جي سگھہ وڃائي ٿا ويهن انهن سان الميو اهو هوندو آهي تہ انهن جي اندر جو ٻار وڏو ٿي ويندو آهي. جيستائين ڪنهن جي اندر جو ٻار ننڍو هوندو آهي تيستائين هن جي تخليق جي سگھہ جو انت ڇيھ نہ هوندو آهي پر جڏهن ڪنهن جي اندر جو ٻار وڏو ٿي ويندو آهي تڏهن تخليق هن کي ڇڏي ويندي آهي.

جيڪڏهن ان ڳالھ جي حقيقت اسان اوشو کان پڇنداسين تہ هو اسان کي اهوئي ٻڌائيندو تہ ننڍڙن ٻارن جي اکين ۾ حيرت جي صلاحيت هوندي آهي، حيرت جي ان صلاحيت کي انفرميشن ختم نہ ڪندي آهي جڏهن تہ وڏن سان مسئلو اهو هوندو آهي تہ هو حيران ٿيڻ ڇڏي ڏيندا آهن. ان ڪري اها خوشي ۽ مستي جيڪا ننڍا ٻار محسوس ڪندا آهن سا وڏا محسوس نہ ڪري سگھندا آهن. ساڳي طرح سان شاعر اهي انسان هوندا آهن جيڪي پنهنجي دل ۾ موجود ننڍي ٻار کي وڏو ٿيڻ نہ ڏيندا آهن ۽ جنهن شاعر جي دل ۾ جيترو ننڍو ٻار هوندو آهي. اهو ايترو ئي وڏو شاعر هوندو آهي. شاعري اها وادي هوندي آهي جنهن ۾ وڏن جي داخلا منع هوندي آهي ان واديءَ ۾ صرف ننڍا ٻار ئي داخل ٿي سگھن ٿا. هڪ ننڍي ٻار جي نظر ۾ دولت جي ڪائي اهميت نہ هوندي آهي هو صرف انهن ڳالهين تي خوش ٿيندو آهي جن ڳالهين تي وڏا ڪلي ڏيندا آهن ۽ اصل ۾ هو نہ سمجھندا آهن تہ انهن جو اهو ٺهڪ اصل ۾ انهن جي اڻڄاڻائيءَ تي هوندو آهي. جنهن کان هو واقف ٿي ناهن سگھندا. ڪنهن دانشور اهو

سوال اٿاريو هو تہ آخري ٿهڪ ڪير ڏيندو؟ جڏهن نذير اڪبر آبادي مغل آرڪيٽيڪچر وارن محلن جي پاڇي ۾ ويهي لکيو هو تہ :

“سب ٺاٺ ڌرا رہ جائيگا
جب لاد چليگا بنجارا”

تہ دراصل هو ان آخري ٿهڪ جي ڳالهہ ڪري رهيو هو. هيءَ اها ساڳي ڳالهہ آهي جنهن جو ذڪري عظيم نفسياتدان ۽ مفڪر سگمنڊ فرائڊ هڪ انٽرويو ۾ ڪندي چيو هو تہ “ سڀ ڪان وڏو فاتح اهو ڪيڙو آهي جيڪو قبر جي مٽيءَ ۾ دنيا جي عظيم فاتح جي مڙهہ جو انتظار ڪري رهيو آهي.”

جڏهن اسان موت ۽ حياتيءَ جي حوالي سان سوچيون ٿا تہ اسان جي ڪنن ۾ اياز جا اهي لفظ گونجڻ لڳن ٿا تہ : “ تاج ڪيانيءَ جا تہ تماشا سڀ هئا، آنيءَ جانيءَ جا”گيت موت تي فتح ماڻي تو وني جڏهن تہ دولت ڌوڙ ٿي وڃي ٿي.

شاعرن کي ان حقيقت جي پروڙ هوندي آهي ان ڪري هو مايا جي موهہ ۾ اچي فنا جي ڦندي ۾ ڦاسڻ بدران ان امرتا جو هٿ پڪڙيندا آهن، جا وقت جي وير ۾ نہ لڙهندي آهي. ادب امرتا ڏئي ٿو. ان ڪري نيڏڙي پارکي دل ۾ ساندي هلڻ وارا شاعر پنهنجي زندگي انهن لفظن کي ارپين ٿا. جيڪي لفظ هوندئہ تہ بي معنيٰ آهن پر جڏهن شاعر جي دل انهن کي سنڌاءَ ۾ ٿي آٽي تہ انهن مان معنيٰ جا درياهہ پلٽجي پون ٿا.

چا شاعرن جي اها مهانتا گهٽ آهي تہ هو انهن شين کي اهم بنائي ڇڏين ٿا جيڪي بظاهر اهن ناهن ۽ جيڪي شيون عام طور تي اهم سمجهيون وڃن ٿيون شاعر انهن جي اهميت کي صرف هڪ سٽ ۾ ڌوڙ ڪري ڇڏين ٿا. پر انهن شاعرن جي پنهنجي زندگي چند گهڙيون جيان گذري ٿي. چو تہ انهن جي دل ۽ دنيا جي وچ ۾ شاعري اچي ويندي آهي. اها شاعري جيڪا شاعرن کان هڪ زندگي جو ٻليندان وٺي کين امر زندگي عطا ڪري ٿي.

جڏهن پنهنجي پيارن کي شاعر روشني ڦهلائڻ جي سزا طور گهڙڻ ۾ ورتل چند وانگر نظر اچن ٿا تڏهن هو خلوص نيت سان کين شاعريءَ کان پري رهڻ جي تلقين ڪن

ٿا . هو اهڙو ماحول ناهين ٿا جيئڻ انهن جا پيارا ان جوڪي واري جذباتي ڏنڌي ڪان پري رهن پر پوءِ بہ هڪڙا ماڻهو شاعر ٿيڻ کان رهي نٿا سگهن. اياز لکيو هو :

جيسين ماڻون پار چڙهنديون
جيئڻ ڪارڻ جنگيون ٿينديون.

تهڙيءَ ريت جيستائين انسان عشق ڪندو رهندو. تيستائين شاعر پيدا ٿيندا رهندا. شاعر جو جنم ٿيندو ئي انڪري آهي. چو تہ جيستائين فطرت محبت کي قائم دائم رکڻ چاهيندي، تيستائين هيءَ ڌرتي ڪجهہ ماڻهن کي " ذات" ڏيندي رهندي ۽ جن جن جي پاڳ ۾ ذات ايندي اهي لات کانسواءِ رهي نہ سگهندا.

لطيف سائين چيو آهي تہ " ذات نہ آهي ذات تي" ان ڪري ڪنهن بہ شهر جي ڪنهن بہ ذات جو ماڻهو شاعر طور جنم وٺي سگهي ٿو ۽ ان جي جنم جي رات جي منظر ڪشي اياز ائين ڪئي آهي تہ :

رات ڪويتا جي ڪنني تي
سر سوتيءَ ۽ ڪاليءَ بيني
چاندوڪيءَ ۾ امرت پيتو
شايد پيدا ٿيو آ
مهان ڪوي ڪو !

موهن جي دڙي جي پرسان ان رات بہ ڪويتا جي ڪنني تي سر سوتيءَ ۽ ڪاليءَ گڏجي امرت جو پيگ شيئر ڪيو هو، جنهن رات مسرور جنم ورتو هو، هو هڪ نوجوان شاعر آهي، هن کي شاعريءَ جي ڪنن رستي تي مهانتا طرف سفر ڪرڻو آهي، ان شاعرانہ عظمت جي بلنديءَ تي پهچڻو آهي، جنهن طرف ويندڙ رستي تي دنيا جي ڏکن، سورن ۽ ملامت جو سرس سامان موجود هوندو آهي، هن کي اها خبر هئڻ گهرجي تہ شاعرانہ عظمت جي اها منزل اهو "سچ نگر" آهي، جنهن جو پنڌ ڪجهہ پرپرو آهي. ان جي راهہ رڻ مان گذري ٿي، اهو سسئيءَ جهڙو سفر آهي. ان سفر ۾ هن وٽ رخت سفر اهڙو آهي، جنهن تي پروسو ڪري سگهجي ٿو، چو تہ

رومانس ۽ تصوف جي گيڙو چادر پاتل اٿس، رومانس وڏي سگهه وارو سهارو آهي ۽ جيڪڏهن فطرت جي بيپناهہ قوتن سان ان مسافر جو ناتو آهي ۽ انقلاب جو تصور هن لاءِ توانائيءَ جي وٿ پيدا ڪري ٿو ۽ هو پنهنجي ٽڪ ۽ بيزاريءَ ڪي لطيف، غالب، فيض ۽ اياز جي دعائن جهڙن گيتن سان لاهي ٿو تہ ان جي سفر مان هڪ اميد، آرزو ۽ منزل ماڻڻ واري سٽي خبر جو انتظار رکي سگهجي ٿو.

۽ خاص ڪري جڏهن شاعريءَ جي رستي تي هلندڙ هن نوجوان مسافر جا قدمَ اهڙن شعرن جهڙا پختا هجن.

اسان ڪي عشق! جڏهين ڪان ملي آ رهبري تنهنجي،
ٿيون روشن سڀئي راهون، اها جادو گري تنهنجي.

---

جڏهن بہ ڪنهن آ پڇيو اسان ڪان تہ " چا خدا آ، ۽ ڪيئن آهي؟"
تڏهن اسان پي سدائين مُرڪيي، ڏنو انهن ڪي مثال تنهنجو .

---

"مون پُڇاڻان چا ڪيو تَوَ ساٿيو؟"
قبر جـڻ هن جي پڇي ٿي مات مِ.

---

خدا سمجهڻ جي ڪارڻ يا تہ ڪو مذهن نہ ڪافي آ،
يا سمجهڻ وري بس مور جو ڪو رقص ڪافي آ.

---

عشق! تون ئي آنهہ بس آزادگي،
مون منجها مون ڪي اچي آزاد ڪر!

---

ڪاش مونکي تون تراشين هان ڪڏهن!

مان همیشہ ئي پنڙ ۾ گم رهيس.

---

شاعريءَ جي اڄ ڪُلهي تي درد ٽڪجي،
ڪنڌ پنهنجو هوريان لاڙي ڇڏيو آ.

اعجاز منگي

اوهان جون ڪيتريون ڳالهيون، ٻُڌائي ٿي اڪيلائي،
سَوين ساروڻيون سُهڻيون، سمائي ٿي اڪيلائي.

ڏسين ٿي تون رڳو مون ڏي، گهڙيءَ جي لاءِ او جانان!
گهڙي ان ٿورڙيءَ ڪي پي، وڌائي ٿي اڪيلائي.

دلين ۾ پيار جا جيڪي، ٻرن ٿا ڏِيپَ تن ڪي پي،
زماني جي هوائن کان، بچائي ٿي اڪيلائي.

اسان هِت پاڻ سان پي ڏِس، مِلون ٿا ٿورڙو ساٿي!
اسان کي بس اسان سان جڻ ملائي ٿي اڪيلائي.

وسي ڦُڙ ڦُڙ پئي ڪجهه ڪجهه، پڪي ڇُون ڇُون پيا ٿا ڪن،
مگر توبِن اسان کي هيءَ کهائي ٿي اڪيلائي.

وني جڻ مون منجهان مون کي، وجي ٿي دُور ئي نِيندي،
الائي ڪٿ مون کي منهنجي، پُڄائي ٿي اڪيلائي.

ملي ٿو چين منهنجي روح کي سوچن جي بانُهن ۾،
سبب سوچي حياتيءَ جو، ٻُڌائي ٿي اڪيلائي.

****

شاعري مون لاءِ هاري چنڊ تو،
ڪيترين گهٽيون ٻهاري چنڊ تو.

جا وساڻي چاهہ جي هيءَ باهہ آ،
ڦوڪ ڏيئي جڙ تہ ٻاري چنڊ تو.

آهہ من ۾ جو سُتو شاعر پيو،
پيار سان اُن کي اُٿاري چنڊ تو.

اي پکيئڙا! هيءَ تنهنجي سوچ آ،
چو تہ توکي اڄ بہ ساري چنڊ تو.

تو جهان جي مان خيالن ۾ ٻڏان،
پر مون کي منهنجو اُڪاري چنڊ تو.

ڪنهن حويليءَ جي نويلي نار کي،
پيار مان جڙ هو پُڪاري چنڊ تو.

جا تڏي تي آهہ ويٺل پُٽ جي،
ماءُ اُن کي جڙ تہ ماري چنڊ تو.

هر وڏو آهي ڪوي تنها هتي،
جيئن تنها هُو گذاري چنڊ تو.

ڏس تہ سنڌوءَ – چولڙين کي چاهہ مان،
هي چُمي دريا ڪناري چنڊ تو.

هاسٽل ۾ ڳوٺ کي ساريان پيو،
۽ جدائيءَ ڏک اُپاري چنڊ تو.

****

خدا جون خُوبيون پيو ٻُڌائي، اسان کي جانان! جمالُ تنهنجو،
ٿي واسُ ڏئين تون ۽ وِلِ وانگي، ويڙهي ويو آ وصالُ تنهنجو.

ويو جڏهن کان ٿي عشق آهي، تڏهن کان دنيا اُها نہ آهي،
ڪِٿي هئي ڪائنات ههڙي؟ پرين! اهو بس ڪمال تنهنجو.

جڏهن بہ ڪنهن آ پُڇيو اسان کان، تہ “چا خد آ ۽ ڪيئن آهي؟”
تڏهن اسان پي سدائين مُرڪي، ڏنو انهن کي مثال تنهنجو.

پُڇيو هو ذرتيءَ “ڪيرُ آهي، پري جو رت ساڻ سِينڌ منهنجي؟”
جواب جي سو تلاش ۾ آ، اجا بہ ذرتي! سوال تنهنجو.

اسان تہ ٻاڙيون رڳو پيا ٿا، هي لُڙڪ گُونگا ڪي بيوسيءَ جا،
مگر ڪِلي ٿو هُو واچون ٽيڙي اسان جي ذرتي ! دلال تنهنجو.

اجا بہ آنڌيءَ جيان اچي تيز ٿو پيو هي خيال تنهنجو،
لُڇي وٽِن جنَ وجود منهنجو، وڪوڙي مون کي ملال تنهنجو.

****

ماٺ پُڇندي ئي رهي ٿي ماٺ ۾،
”ماٺ ڇو آن تون؟“ پُڇي ٿي ماٺ ۾.

ڪوبہ جذبو، ڪوبہ سپنو ڪونہ آ،
زندگي ٻُڏندي وڃي ٿي ماٺ ۾.

”مون پُڄاڻان ڇا ڪيو آهي اوهان؟“
قبر اڄ هن جي پُڇي ٿي ماٺ ۾.

چيخ تنهنجي، جا ڪٽي توکي وئي،
ياد مون کي سا اچي ٿي ماٺ ۾.

”ڇو ورهايو ٿا پيا مون کي توهان؟“
هيءَ ڌرتي جڙ ڇوي ٿي ماٺ ۾.

هلڪڙا آوازَ جي تون تو ٻُڌين،
شاعري منهنجي ڪري ٿي ماٺ ۾.

****

اسان کي عشق! جڏهين ڪان، ملي آ رهبري تنهنجي،
ٿيون روشن سپئي راهون، اِها جادوگري تنهنجي!

هُيس جڙ آنءُ پٿر جان، گهڙيءَ تو مُورتي اُن مان،
اها اوعشق! ڪا آهي، عجب ڪاريگري تنهنجي!

رڳو تنهنجي هُجڻ سان ٿي، مِلي هر چيز کي معنيٰ،
وٺائي ٿي سجي دنيا، مون کي موجودگي تنهنجي.

ستارا، چنڊ، سورج ۽ هوائون شاعري آهن،
ڏسان جيڪا بہ شيءِ تو مان، اُها آ شاعري تنهنجي.

رنگن ۾ پيار جي رنگيل، گذاريو وقت آ توسان،
اسان جي سوچ آ رنگين ٿي وئي، جڻ چُني تنهنجي.

زماني جي تپش کان جاءِ پناهون ڏئي پئي مون کي،
اُها سا سُونهن گهاٽي چانوري جئن آ رُڳي تنهنجي.

ڏسي ديوانگي منهنجي، چڪورن پي چَيو مون کي،
"اسان کي پي وئين ماري، عجب آ عاشقي تنهنجي!"

چِتائي پاڻ کي تون ڏِس، سُڄاڻي پاڻ کي تون ڏِس!
نہ آهي شاعري منهنجي، اَٿي ڪا آرسي تنهنجي.

مڃان ٿو شاعريءَ جي لئہ، گهڻيون ئي ڳالهڙيون آهن،
مگر هيءَ شاعري مون لاءِ آهي ڳالهڙي تنهنجي.

****

يار کي ياد ڪر! يار جي ڳالهہ ڪر!
ڪا اجائي نہ ڪر، پيار جي ڳالهہ ڪر!

ڳالهہ جنهن جي سُڳنڌون پکيڙي ڇڏي،
گُلَ جهڙي انهي، نار جي ڳالهہ ڪر!

فڪر ٻاهر سندي اڄ جهان جو ڇڏي،
پنهنجي اندر جي فنڪار جي ڳالهہ ڪر!

ڏس اُداسي اچي آ اندر ۾ لٿي،
اڄ تہ سُپرينءَ جي رُخسار جي ڳالهہ ڪر!

عطرجي تون نہ ڪر، بس رڳو ڪوٺ ۾،
مِينهن ڪان پوءِ مهڪار جي ڳالهہ ڪر!

اڄ گُلن آ چيو روئي گُلدان جي:
"جنهن تي هئاسين، اُنهي ٽار جي ڳالهہ ڪر!"

چو رڳو آدمي! ڳالهہ گهر جي ڪرين،
ڪجهہ وڌو ٿيءُ سنسار جي ڳالهہ ڪر!

ظلم جي، ويڙهہ جي، اڄ ڇڏي ڳالهڙي،
چانڊنيءَ ۾ ڪوي! پيار جي ڳالهہ ڪر!

آ پرين ٿيو پري، ڪيئن هاڻي سري؟
شاعري! تون نہ سهڪار جي ڳالهہ ڪر!

****

ڪِڙيِ پَوَن گُل هِيئَن ۾ منهجي، ڪٿي بہ اهڙو بهار ناهي،
جهان ۾ هونءَ تہ آهي سڀڪجهہ، الئہ چو من کي قرار ناهي.

هوا ڏڪڻ جي اچي چُمي ٿي، جڏهن بہ درياهہ جي ڳُلن کي،
تڏهن چوي ساز ٿي چمن جو "لِکو ڪڏهن ڪوبہ پيار ناهي."

ڏِسو تہ يارو! افق چوي ٿو، "اَڏيو اچي ڪو اَجهو هتي پيو"
بُڌي اهو شرم جڙ اچي ٿو، هتي تہ ڪائي اُڏار ناهي.

ڦهار رسمون کِهي وڃن ٿيون، محبتون ڪئين هتي اسان وٽ،
تڏهن بہ يارو! پيو ڪڏهن پيو، محبتن جو ڏڪار ناهي.

چريو، ديوانو ۽ مست، مجنون، چيو سڀن عشق ۾ اسان کي،
مگر اسان کي لقب لڳا سي، اسان جي دل شرمسار ناهي.

اجا چين تي چُميون ڦُٽن ٿيون، اجا اکين ۾ سي خواب آهن،
اجا محبت نئين نئين آ، اجا تہ دل کي قرار ناهي.

****

اڄ بہ تنهنجي ئي اچڻ جي آس آ،
سمنڊ- دريا جنئن ملڻ جي آس آ.

تنهنجي گهر جو در رڳو آ موت ئي،
تنهنڪري مون کي مرڻ جي آس آ.

نازڪي هن جي هٿن جي هيءَ ڏسي،
اڄ گُلن کي ٿي چڇڻ جي آس آ.

چڏ شڪاري! ڏِس پکيءَ کي ڪيترِي،
آسمان تي اڄ اُڏڻ جي آس آ!

پُٽ مري ويو شهر ۾ پر بيخبر،
ماءُ کي هن جي ورڻ جي آس آ.

جَلُ تہ شمع جيئن جو مون کي وري،
اڄ پتنگن جئن جلڻ جي آس آ.

سانوري! اڄ چيڙ تارون تون ڪٽي،
ساز دل جي کي وڄڻ جي آس آ.

****

سموري عُمر جي لئہ عشق جو هڪ درس ڪافي آ،
ملي پئي جي ڪٿي ڪوئي پرينءَ جو عڪس ڪافي آ.

خدا سمجهڻ جي ڪارڻ يا تہ ڪو مذهب نہ ڪافي آ،
يا سمجهن لئہ وري بس مور جي ڪو رقص ڪافي آ.

اسان ڪي روح جي آزادگيءَ جي لاءِ او جاني!
نہ ڪوئي قافلو گهرجي، فقط هڪ شخص ڪافي آ.

محبّت لاءِ ڪا خُوبي بہ رستو ٿي سگهي ڪولي،
۽ نفرت ڪاڻ پي پيارا! ڪو هڪڙ نقص ڪافي آ.

نظر مان نار! تون اوتي، اجا پي مَڌُ ڏِي مون کي،
خُمارن مان نہ نڪران مان، نہ چئہ تون "بس ڪافي آ."

سُتل آهين سُرَ سائين! اسان جي دل ۾ اڄ تائين،
انهن جي بس وڄڻ جي لئہ، اوهان جو لمس ڪافي آ.

****

هوءَ محبت جي ڪا ماري آ، هوءَ سُهڻيءَ جئن ڪا ناري آ،
هوءَ پُوري عشق ڪئي آ پر، هِت رسم ڪئي هوءَ ڪاري آ.

هن پنهنجي جيون ڪِي مون آ، ڪاغذ جي ٻيڙي سمجهو ڪا،
جا عشق جي گهري دريا ۾، اڄ تائين ويني تاري آ.

هي اڄ بہ جوانيون پوڙهيون ٿي، بي يار ويون، بيڪار ويون،
ڇو جو آ پيار تي پابندي ۽ رسم- حڪومت جاري آ.

هي پڪڙي ٿو جنهن ماڻهوءَ کي، ٿو اُن جو سارو"پاڻ" کُهي،
پو اُن کي نِوڙت سيکاري، ها اهڙو عشق شڪاري آ.

تون وڃ! ۽ هن کي ڇنہ هاڻي، دل کي اڄ ڪٺ جئن ڇڏ واڻي!
ڇو جو هوءَ جيڪا گُل جهڙي، سا هاڻ اڇڻ ٿي واري آ.

اڄ مون ڪان يار ويو وڇڙي، جڻ جيون- ٻُوٽو ويو اُجڙي،
جو گُلَ جهليندو هو ڪيڏا، سو خالي ٽاري ٽاري آ!

هي هيڏا سال رهڻ جيئرو، جڻ موت سندي ڪا تياري آ،
جڻ موت اسان جي منزل آ، ۽ جيون اُن لئہ لاري آ.

****

حياتي پيار بن پنهنجي، گذاريون ٿا سزا وانگي،
اسان کان موسمون ناراض ساجن بيوفا وانگي.

مُنجهي ٿو ساهه هي منهنجو، ڪٿي آ پيار تون پنهنجو !
هلي آ هاڻ او جانان! ذڪڙ جي تون هوا وانگي.

لِڪي ٿو چنڊ ڪڪريءَ ۾، هوا پي گيت ڳائي ٿي،
وٺي ٿو هي سمو مون کي، پرين! تنهنجي ادا وانگي.

طبيبن جي دوائن سان نہ فرحت آهه ملڻي ڪا،
وڪوڙي آهه بيماري وئي هن کي انا وانگي.

نگاهون اڄ بہ ڊوڙن ٿيون، وري تنهنجي پرين! پويان،
لڳي ٿو پيار هي پنهنجو، وري جڻ ابتدا وانگي.

لڳو آ جو مرض مون کي، چَون ٿا لاعلاج آهي،
پرين! تنهنجي ئي نيڻن ۾، ملي ٿو ڪجهه دوا وانگي.

****

شاعري هيءَ بيمار آ ٿي پئي،
پيار جا تون پرين ! ڪي پها وجھ رڪي.

سوچ پوپٽ پيا ٿا ڦرن ڪيترا،
ياد تنهنجيءَ سندي اج ڳگن تي وري.

رات، ماضيءَ سندي، حُسن جي سمنڊ ۾،
سوچ منهنجيءَ هنئي، دير تائين ٽُبي.

منهنجي دل ڪي ڪيو، پرت سُهڻي جيان،
روز رنگين نظر جا تو ٿاڪا هڻي.

شور ڪوئي نہ آ، ڪابہ مستي نہ آ،
سانت ۾ آ سُتي، چاهہ جي هيءَ ندي.

چاهہ جي خاڪ ۾، هارڻ چٽڪون ٻچيون،
آ، نظر جي وري، ڦُوڪ وجھ ڪا ڏئي!

نا اُميديءَ جي، حادثن ۾ مٺا!
ڪيترائي ٿيا، پنهنجا خواب ڏکي.

اڄ جدا ٿي بہ ڪو، لُڙڪ ناهي اکين،
ڏِس! پٿر ٿي وڃڻ تي ويا سين هِري.

اڄ جدائيءَ سندي، هن ڏکي رات ۾،
ياد جي شمع ڪا آهہ جلندي رهي.

شعر پازيب پائي نچن ٿا پيا،
شور ان جي ڪري، ننڊ آهي ڦِٽي.

وقت- درياهہ ۾، جڻ تہ ڪانيءَ جيان،
ٿي وڃي هيءَ اجائي پٽي زندگي.

اڄ شفق جئن وري، شام جو اوچتو،
ذهن- آڪاس تي، آ اُداسي پکڙي.

سوچَ، اڳ آ ڪڍيو، تيز ڳاڙيءَ ڪان،
ڪيترو جلد ۾، ڳوٺ آهي پُڳي.

رات پنهنجي سڄڻ جا ڪي سهرا چئي،
هوءَ آهي وِهاڻي ۾ مُنهن ڏئي رُني.

اڄ شڪستن جي هيڏي وڏي ٻوڏ ۾،
آرزو هر ڪا منهنجي وئي آ لُڙهي.

****

اکين ۾ آزادگيءَ جا يار! خواب ھاڻي مري ويا سپ،
ڪيون اُميدون اسان بہ چاتي؟ سراب ھاڻي مري ويا سپ.

عوام سارو لِڪي پيو ٿو، ھِتي تہ چُوزن جيان اچا پيا،
اچا مُئو خوف ناھ تن جو، عُقاب ھاڻي مري ويا سپ.

ھتي تہ پوپٽ اچن ٿا جيڪي، سي يار! معصوم ڏاڍا آھن،
اچو! ٻُڌايون تنين کي روئي، گُلاب ھاڻي مري ويا سپ.

جڏھن بہ گولي ھوا کي ڪُنھدي، ڦٽي وجھي ٿي پکيئڙيءَ کي،
تڏھن ٻُڌي تاڙِيون لڳي ٿو، ڪتاب ھاڻي مري ويا سپ.

****

سي جنونِ محبت جون، حالتون نہ آٽي ڏي!
وقت! موت پُنتي سي، چاهتون نہ آٽي ڏي!

اڄ بہ عشق جو توکي ،مان جُنون ڏيکاريان،
پر ڪٺان پرين! ثوريون، فرصتون نہ آٽي ڏي!

شهر ڏي وني آئين، سڀ ڏنو اٿيئي پر،
ڳوٺ جي سياري جون، ساعتون نہ آٽي ڏي!

پيار سان ڏسي پوڙهو، زال کي چوي ويٺو،
“اڄ هٿ کي جوڀن جون، عادتون نہ آٽي ڏي!”

چو پلا اکيون تنهنجون، ساڳيون رهيون ناهن،
پيار سان پريل پياري! ڳُهور تون نہ آٽي ڏي!

وقت! تو جواني ڏئي، آ ڦُري چڏيو ٻچپن،
هُو حسين ٻچپن جون، راحتون نہ آٽي ڏي!

****

ڪٽي ڪيڪار اڪڙين ۾، سَڪي جڏهين ڪِلي آهي،
تڏهن دل دير تائين مور جڻ منهنجي ٿِلي آهي.

اچا ويجهو اچڻ ڏي عشق ۾ تون جسم پنهنجي جي،
بُرائي چاء ڀلا ڳُل سان، هوا جي ڪيچلي آهي!

اوهان جي ڳوٺ سان واڪيل، اسان جي عشق جون ڳالهيون،
اوهان جي ڳوٺ جي پياري، ڳهيلي! هر ڳلي آهي.

الله ڪهڙن ثوابن جي، خدا اڄ موت ۾ مون ڏي،
تصور حُور جي ڪان وڌ، حسينا موڪلي آهي.

اوهان جي انتظارن ۾ ستارا، رات، چندرما،
اوهان جي آس ۾ مون سان، اجا ڪٿ تي رلي آهي.

****

ڳُلن جو باغ جيئن ٿو لڳي پيو بهار ۾،
ائين ئي آدمي ٽِڙي، سُڳنڌ ڏئي ٿو پيار ۾.

ٻُڌو هيو تہ عشق هي، عميق ڪو سمنڊ آ،
اسان تہ سو ڏٺو هيو، سڄو سندس نهار ۾.

لطيف پڻ، اياز پڻ، اسد بہ آ ۽ فيض پڻ،
سڀئي مليا سمائجي، مون کي فراقِ يار ۾.

اڃا بہ تون اُڏين نہ ٿو، زمين تي ڊڄين پيو،
مزو تہ ڏس آ ڪيترو، هوا ۾ هن اُڏار ۾!

ٻُڌو هيو تہ وقت سان، ڪمي اچي ٿي پيار ۾،
وڌي ويو هي پيار آ، اسان جو انتظار ۾.

عجيب قِسم جو هيو، نشو سندس نهار ۾،
اسان تہ پِي وساريو، هي پاڻ اڄ خمار ۾.

****

لطيف: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي
اياز: شيخ اياز
اسد: اسدالله خان غالب
فيض: فيض احمد فيض

پَٽي اکيون چئوطرف نہ ڏس تون، حسين نظارا اجا بہ آهن،
چڱي نظر سان ڏسين جهان کي، نہ چاهہ وارا اجا بہ آهن.

اوهان سان ناهن شڪايتون ڪي، ڪيو اسان تي عنايتون ڪي،
اسان جي جي دل جي ڪشادي گهر جاءِ ڪليل دوارا اجا بہ آهن.

اجا سويرو گهٽو پري آ، اجا نہ ڪر تون نہ پاڪرن مان،
گذار گذجي گهڙيون جو اُپ تي، بہ ٿي ستارا اجا بہ آهن.

اجا هلي هاڻ ناوَ آهي، نہ خوف بوڙي پيو بُڏڻ جو،
ڪنديون نہ ڪجهہ پي نراس- چوليون، ڪيئن ڪنارا اجا بہ آهن.

چڙهي اسان کي وئين جڏهن ڪان، نہ سنگ ساوڻ پري ٿو سُڏڪا،
ڪري ٿي تو لئہ هوا بہ واڪا، چريا نظارا اجا بہ آهن.

بچڻ سندو آسرو نہ هو ڪو، جڏهن اسان کي چڙهي ڏنو تو،
بچايو آ شاعريءَ جنهين جاءِ حسين سهارا اجا بہ آهن.

****

مِلي ميهار سان سُهڻي، سدائين لئہ ٻُڏڻ ڪان پوءِ،
حياتي سا حسين آهي، ملي ٿي جا مرڻ ڪان پوءِ.

ضروري آ قدم ننڍڙو، وڏي ڪنهن پنڌ لئہ جانان!
خدا سان پي ملي سگهبو، رڳو تنهنجي ملڻ ڪان پوءِ.

سدائين سُونهن کي خطرو، رهيو آهي زماني کان،
پَڻ لئہ هٿ پهچن ٿا، گُلابن جي ٽڙڻ ڪان پوءِ.

اوهان جي ڳَهور سان گُلشن، ٻٽيو آهي اسان جو من،
عجب ٿا عشق جا گُلڙا، ڦُٽن تنهنجي ڏسڻ ڪان پوءِ.

اوهان جو هي وڇوڙو پي، لڳي ٿو ٻاهه وانگي ئي،
انهيءَ ئي ٻاهه ۾ سونو، ٿيان ٿو مان پچڻ ڪان پوءِ.

اڳي اونداهہ هو ڪوئي، جڏهن محبت نہ هوندي هئي،
حياتي روشني ٿي وئي، محبت جي اچڻ ڪان پوءِ.

****

محبت وارا ننڍڙا لمحا، ڪجھ بہ نہ هوندي سڀ ڪجھ آهن،
نظرن وچ ۾ هلندڙ نغما، ڪجھ بہ نہ هوندي سڀ ڪجھ آهن.

دل ۽ روح سندا سڀ رشتا، ڏين ثبوتن ڪان بہ مٿي ٿا،
ظاهر ۾ هي سهڻا رشتا، ڪجھ بہ نہ هوندي سڀ ڪجھ آهن.

پيار پريا جملا نہ هيا ڪي، تنهنجي دل ۾ قيد رهيا جَي،
مون لئہ بي آواز سي جملا، ڪجھ بہ نہ هوندي سڀ ڪجھ آهن.

ڪالھ پَٽيا مون تو لئہ گلڙا، دُور هيا پر تنهنجا هٿڙا،
هاڻي مُرجهايل سي گلڙا، ڪجھ بہ نہ هوندي سڀ ڪجھ آهن.

تعبيرن جي گهاٽي وڻ، لئہ، ٻِجَ جيان هي سپنا آهن،
جيون ڪن ٿا سهڻو سپنا، ڪجھ بہ نہ هوندي سڀ ڪجھ آهن.

****

اوھان لاءِ آرسي ٻڄان، ضروري سو نہ ڪونهي ڪو،
اجائي آس ۾ پڻڪان، ضروري سو نہ ڪونهي ڪو.

ھي منھنجو فن نہ بارش آ، مگر ھي ديس پڙيلو،
انھي تي مان پيو برسان، ضروري سو نہ ڪونهي ڪو.

انڌيري ۾ سُمھڻ چاھن، پيا ھن ديس جا ماڻھو،
ٻران پيو ديپ وانگر مان، ضروري سو نہ ڪونهي ڪو.

اوھان ڪي راھہ منزل جي، ڏسڻ منھنجو نہ ڪم آھي،
اوھان جو ھمسفر پي ٿيان، ضروري سو نہ ڪونهي ڪو.

نظر منھنجي ڏسي ٿي مختلف ھر شيءِ ۽ ڏسندي پئي،
اوھان وانگي ڏِسان سڀ مان، ضروري سو نہ ڪونهي ڪو.

سنڌءِ دل جي ھجان پرسان، ضروري سو پرين! آھي،
بدن جي پي ھجان پرسان، ضروري سو نہ ڪونهي ڪو.

****

حُجت ۾ ڳالھ آ جيڪا، حجابن ۾ نہ ھوندي آھي،
عزت آ بي حجابيءَ ۾، آدابن ۾ نہ ھوندي آ.

”پرستش، پيار ۾ پنھنجي، وڇوڙي کي وڌائي ٿي،“
چوي ٿي پيار ۾ جڏھين، حجابن ۾ نہ ھوندي آ.

پرين! تنھنجي تہ نيڻن مان، اچي ٿي پيار جي خوشبوءِ،
ھلي آ تون، اھا خوشبوءِ، گلابن ۾ نہ ھوندي آ.

تنھنجي نيڻن ۾ جيڪا پيار جي آ ڳالھڙي جانان!،
اھا دنيا جي سڀني ئي ڪتابن ۾ نہ ھوندي آ.

سوالن جي بيابانن ۾ رُلندي مون اھو ڄاتو،
سوالن کن جي سمجھاڻي، جوابن ۾ نہ ھوندي آ.

اُڏي ٿي سوچ شاعر جي، گھٽو آڪاس کان اُوچي،
اُڏامڻ جي اھا طاقت، عُقابن ۾ نہ ھوندي آ.

****

درد جي آهي صدا درياهہ تي،
آهہ سُهڻيءَ جي ڪٿا درياهہ تي.

تن نہ سمجهيو زندگيءَ جي راز کي،
پاڻ ئي جيڪي ٻُڏا درياهہ تي.

ڪيترو پاڻيءَ ۾ پڇتاءُ هو،
لاش ها جڏهين پيا درياهہ تي.

"چا لهي درياهہ ويندو چاهہ جو؟"
گفتگو پنهنجي اِها درياهہ تي.

دوستيءَ ۾ چاڙهہ آيو هو تڏهن،
ٿهڪ گڏ جڏهين ڏنا درياهہ تي.

ڪيئن لفظن ۾ اها تصوير ناهيان؟
هي پکي ۽ ٻارڙا درياهہ تي.

سج لٿي ماحول سارو ٿو ڳُهري،
امن جي پياري دعا درياهہ تي.

ڪيتري مون کي ڏئي ٿي شاعري!
جا سُريلي آ هوا درياهہ تي.

****

اڄ هوا ۾ شاعراڻي ٿي لڳي،
سوچ منهنجي ۾ اُداڻي ٿي لڳي.

زندگي آ گيت ڪوئي چاهه جو،
سانوري تنهن جي وراڻي ٿي لڳي.

”چنڊ جهڙي“ ڪيئن مان توکي چوان؟
ڳالهه مون کي هيءَ پُراڻي ٿي لڳي.

عُمر پر پيتي اٿم بس شاعري،
ڪونه پو ۾ اُڄ اُجهاڻي ٿي لڳي.

ڪيتري هبڪار آهي شعر ۾،
ذات ڪائي رات- راڻي ٿي لڳي.

عشق جي آويءَ ۾ جو آهي پڪي،
شاعري پو صوفياڻي ٿي لڳي.

****

هان مون کي تنهنجي نظرن سان، ڪوئي انڪار بہ ڪونهي ڪو،
پر توسان پيار محبت جو، ڪوئي اقرار بہ ڪونهي ڪو.

هي عشق سندو آهي رستو، جو نيٺ خدا ڏي پهچي ٿو،
توڙي دشوار بہ ڪونهي ڪو، پر هي هموار بہ ڪونهي ڪو.

هي وهندڙ پاڻيءَ جيئن لمحا، او جانان! سڀ تنهنجا منهنجا،
ڪئن اهڙن لمحن کي روڪيون! ڪو اهڙو چار بہ ڪونهي ڪو.

هوءِ چوڏهينءَ جي چانڊاڻ هئي، ۽ خوشبوءَ وانگي ساڻ هئي،
هاڻي نہ نصيبن ۾ منهنجي، هن جو ديدار بہ ڪونهي ڪو.

جي جيون اهڙو آهہ ڪِنو، پوءِ زوريءَ جيئجي ڇو اهڙو؟
مان پيار نہ آهيان ڪنهنجو پڻ، ۽ منهنجو پيار بہ ڪونهي ڪو.

پنهنجي بہ جدا ٿي ويئي سرِي، ڏس ڪيئن ويا سين يار! هِري،
ٻئي جيئون ٿا توڙي اهڙو، سهڻو سنسار بہ ڪونهي ڪو.

****

ڪويل- ڪُوڪ ڪري ٿي، دل کي چاڪ ڪئي!
هاڻ اسين احساسن جي هيراڪ ڪئي!

نيڻ گناهہ ڏسڻ جا عادي ٿيا منهنجا،
تنهنجا سپنا ڏسندڙ اڄ هي پاڪ ڪئي!

جِت هي منهنجو پيار مُسافر ٿَڪُ پچي،
تنهنجي نيڻن جا سي پياري! ٿاڪ ڪئي!

هاڻي منهنجو من مصروف ويو آ ٿي،
تنهنجي ياد جي رسڻ جو رولاڪ ڪئي!

تنهنجي دُوريءَ جو پي درد پراڻو ٿيو،
نيڻ بہ آلا لُڙڪن سان نمناڪ ڪئي!

پاڻ نہ پوڙها ٿي ويا آهيون جوڀن ۾،
محبت وارا سي جذبا بيباڪ ڪئي!

تو پنهنجو گُلدان سجايو گُلَ چُني!
هاڻي گُل ٿا روز پُڇن "آ ماڪ ڪئي؟"

****

عُمر جي ٿاريءَ تي آهين گُل جواني!
اُگِ چِٽڻ کان جُھول ۽ ڪجھہ جھُل جواني!

ڪيترو ئي عشق کي تو مان لڪايان،
ها مگر هيءَ ٿي مچائي هُل جواني.

خوبصورت جي بہ تخليقون ٿين ٿيون،
ها، انهن جو پي سبب آ ڪُل، جواني!

پيار جا ڪجھہ ڏينهن گهاري هُو هليو ويو،
حسرتن جي هاڻ رڻ ۾ رُل جواني!

عشق ۾ ناڪام ٿي ڪومائجين ڇو؟
ڏي سُگنڌون، گُلَ وانگي کُل جواني!

پاڻُ هڪڙي شخص لئہ ڇو ٿي وڃائين؟
هِير دنيا لاءِ بڻجي گهُل جواني!

****

نيڻ جي ڪولين ۾ پنهنجا،
سپنا سارا قيدين جهڙا.

روز هِنن کي مار مِلي ٿي،
منهنجا سپنا قيدين جهڙا.

تنهنجو جوڀن ڏسندي منهنجا،
دل ۾ جذبا قيدين جهڙا.

سوچَ هوا ۾ اُڏري ٿي پر،
منهنجا پرڙا قيدين جهڙا.

گونگي جي اندر ۾ آهن،
ڪيئي نغما قيدين جهڙا.

جيلن ۾ آزاد اٿي هُو،
توڙي ڪپڙا قيدين جهڙا.

آزادي ٿا چاهن يارو!
وات ۾ واڪا قيدين جهڙا.

****

مينهن ۾ محبوب کي تون ياد ڪر!
ايئن ڪجھ ويران من آباد ڪر!

عشق! تون ئي آهه بس آزادگي!
مون منجهان مون کي اچي آزاد ڪر!

جيڪڏهن دل کي خدا جو گهر ڪرين،
عشق کي اُن گهر سندو بنياد ڪر!

تو بنان صحرا لڳي دنيا سجي،
نينهن! اِن کي مِينهن ٿي آباد ڪر!

ڪجھ ڏهاڙا وچ پرينءَ جي ڳوٺ ڏي،
نوڪريءَ ۾ نہ وهي برباد ڪر!

شاعري تنهنجي ٻُڌي پي ڏينهن ٿيا،
آ هلي آ مِينهن! ڪجھ ارشاد ڪر!

****

شاعريءَ لئہ زندگيءَ ۾ ئي شهادت ٿي کپي،
گهاءَ کي دائم رکڻ واري بہ طاقت ٿي کپي.

ڪنهن ڪناري عشق جي ٿي، هاڻ پهچڻ لئہ پرين!
زندگيءَ جي ناوَ کي تنهنجي رفاقت ٿي کپي.

چنڊ! توسان مان پرينءَ جون ڳالهڙيون جيڪر ڪيان،
پر مشيني زندگيءَ مان يار! فرصت ٿي کپي.

چا ٿيو جو سڀ مخالف ٿي پيا منهنجا هتي،
ڪين ماڻهن جي مون کي ڪائي حمايت ٿي کپي.

مان خدا جي ويجهڙو هان، مسجدن کان دُور پي،
او مُلان! ڪائي خدا لئہ ٻي عبادت ٿي کپي.

هاڻ تون ماڻهن کي ڏاها! بس چڏ ڏي، ها چڏي،
جو نہ تن کي ڪين راحت پر اذيت ٿي کپي.

شاعري رومانوي آ تنهن کي سمجهڻ لاءِ بس،
پيار ۾ پربور دل واري نزاڪت ٿي کپي.

****

مان سدا تنھنجي نظر ۾ گُم رھيس،
نينھن جي نياري نگر ۾ گُم رھيس.

منزلن جي سوچ ئي وسري وئي،
عشق جي بس مان سفر ۾ گُم رھيس.

ڪاش مون کي تون تراشين ھا ڪڏھن!
مان ھميشہ ئي پٿر ۾ گُم رھيس.

جنھن ۾ ٿورو وقت تو گھاريو ھيو،
مان سدا تنھن يار ! گھر ۾ گُم رھيس.

****

ٻُسا ٻُسا نيڻ زندگيءَ جا، ڪجل جيان تنهنجي تات گهرجي،
لڳي پئي زهر زندگي هيءَ، مِني مِني تنهنجي بات گهرجي.

غلامي مننجي قبول ڪريو! ڪپي نہ آزادگي ڪا مون کي،
حسين هي قيد عشق آهي، نہ مون کي اُن مان نجات گهرجي.

اوهان جي نيڻن ۾ گهور پائي، ڏٺي سڄي ڪائنات آهي،
پناهہ مون کي ڏيو انهي ۾، حسين هيءَ ڪائنات گهرجي.

اسان نہ سورج مُکي مگر هي ، هجوم ڪڪرن جو آ زمانو،
او سج جهڙا پرين! اوهان جي، انهي منجهان ڪائي جهات گهرجي.

گلاب تي ماڪ جيئن سهڻي، حيات هيءَ بي ثبات آهي،
حيات کي جا ثبات ڏئي يا خدا! مون کي سائي ذات گهرجي.

****

خطَ تنھنجي ڪي سجڻ! ساڙي ڇڏيو آ،
خواھشن ڪي لُڙڪ سان لاڙي ڇڏيو آ.

دل سُڪي آ عشق جي ڏاڙي لڳڻ سان،
مون کي آسُودو ڪري ڏاڙي ڇڏيو آ!

تو سوا جيون سجڻ! ڪاغذ ردي ھو،
پاڻ ئي جيڪو اسان ڦاڙي ڇڏيو آ.

زندگيءَ جو اُڏرندڙ سھڻو پکيئڙو،
موت جي ماريءَ اچ تاڙي ڇڏيو آ.

تو ڏنو مون کي ۽ مون تو کي ڏنو ھو،
بس وڏائي ڳالھ کي پاڙي ڇڏيو آ.

اچ بہ عورت کي پکيءَ وانگر اسان ھت،
پَر ڪٽي پڃري اندر واڙي ڇڏيو آ.

باھ ۾، ماني پچائڻ مھل ئي ھن،
رات وارو خواب پڻ ساڙي ڇڏيو آ.

خون مان گُل انقلابن جا ڦُٽن ٿا،
ڪالھ ڳيروءَ جو ھٽي ڳاڙي ڇڏيو آ.

شاعريءَ جي اج ڪُلھي تي درد ٽڪجي،
ڪنڌ پنھنجو ھوريان لاڙي ڇڏيو آ.

****

ڪو نظر ۾ سراب ئي ناهي،
پو بہ سڌ جو حساب ئي ناهي.

مان اچا پيو اُڏان ڇڪورن جان،
ها مگر ماهتاب ئي ناهي.

برف جيڪو حجاب جي ڳاري،
عشق جو آفتاب ئي ناهي.

زندگي تون گذار ڳل وانگي!
ڪوبہ اهڙو ثواب ئي ناهي.

عُمر پر ٿو نشو رهي اُن جو،
عشق جهڙو شراب ئي ناهي.

ڪيئن تعبير پاڻ ئي ملندي؟
جي اکين ۾ ڪو خواب ئي ناهي.

ڪو بہ گهر ۾ ڪتاب ئي ناهي،
باغ ۾ جڻ گلاب ئي ناهي.

****

نگاهہ تنهنجيءَ منجهان ڪِري پيار جو پيو آبشار ڪوئي،
وجي ٿو هيءُ روح صاف ٿيندو، ملي پيو ٿو قرار ڪوئي.

اجا محبت جون آڱريون هي انيڪ سُرَ ٿيون پيون پکيڙن،
ويو سُريلو ٿي آهہ جيون، وجود ڇڻ آ ستار ڪوئي.

عظيم هستيون ڪئين دنيا ۾، لِڪي ويون وقت- ٻار هيٺان،
ڏهي وئي آ مزار جنهن جي، هو ديس جو جان نثار ڪوئي.

ڪڏهن ڪڏهن موت آهہ هوندو، حيات ڪان پي حسين ڏاڍو،
اُڏي هوا ۾ پکيءَ چاهيو، ڪري وجي اڄ شڪار ڪوئي!

جُدا ڪيا موت ڪوڙ ماڻهو، هيا جي اُتساهہ زندگيءَ لئہ،
نہ ڪي ڏنوسين نہ ڪي ٻُڌو هيئن موت جهڙو قهار ڪوئي.

اڇو! اڇو پِيل، ٻاگڙي سڀ، نديا وڏا ذات پات ميٺي،
اڇو! هلون عشق جي سمندر ۾ آهہ جو بيڪنار ڪوئي.

****

ماحول سڄو گُلڙن وانگر، هي خوشبو خوشبو ڪرڻو آ،
۽ جاڳ سندا ڪي ڏيئا ٿي، اڄ اونداهين ۾ ٻرڻو آ.

هاڻي پي چاهت آ توسان، پر آنءُ وڃان ٿو او جانان!
هن لُڙڪن هاڻي ڌرتيءَ کي، ڪي مُرڪون ڏيئي ورڻو آ.

سو جيون ڪيڏو آهہ سڦل، جون پاڻ سڙي پر چانڊوڻ ڏئي،
ها اهڙي گهاٽي وڻ وانگر، سڄ هيٺان مُرڪي جلڻو آ.

جَي موت اسان جو ماڻهن کي، ڪو جيون بخشي ٿو ساٿي!
پو اهڙي سُهڻي مقصد لئہ، ها يار! اسان کي مرڻو آ.

اڄ لالچ، ڪوڙ ۽ دوکي جي، ميراڻ وجودن تي آهي،
پر صاف ڪندو جو نِينهن سندو، سو مينهن بہ نيٺ تہ وسڻو آ.

****

ياد آئي آ ذڪرِ جي هير ۾،
ڪين آ جنهن جو ملڻ تقدير ۾.

ياد آيا زلفِ جانان اوچتو،
جو جُسو جڪڙيل ڏنم زنجير ۾.

موتَ، رسمن ۽ ڳِلا بابت ڪڏهن،
ڪين سُهڻيءَ سوچيو هو سِير ۾.

نيڻ پوڙهي جا ٻِنا اڄ اوچتو،
پاڻُ، جوڀن جي ڏِسي تصوير ۾.

جيترو آسان آ سپنو ڏسڻ،
درد اوڏو حاصلِ تعمير ۾.

ڪالهه شرمندو هُيس آزاد ٿي،
فخر اڄ محسوس ٿيو زنجير ۾.

صاف ماڻهن کي ڪري جيڪا چڙي،
سگهه آ سا ڪيتري تحرير ۾؟

****

جُدا ٿيندي اکين ۾ ڪو وفا جو گيت گُنجي ٿو،
ڪو سُڏڪن جي سُرن تي چڙهيل هوا جو گيت گونجي ٿو.

اهو ڪنئن عشق ۾ ڀڳائي، سکهي تو گيت نوڙتن جو!
جنهين جي جِيءَ ۾ هردم انا جو گيت گونجي ٿو.

اها برسات ڏس! ڪي پل، اکيون ڪولي عبادت مان،
اُني جي هِن هوا ۾ ڪو، خدا جو گيت گونجي ٿو.

پراڻي پيار جا سارا، وڃن ٿا گهاءَ تازا ٿي،
جدائيءَ جي ڏکن جو جڻ، لتا جو گيت گونجي ٿو.

ائين مايوس ڇو آهين؟ ڪري ڪجهه غور تو ڀي ٻڌ!
اَجا آزاديءَ جي چڙهيل صدا جو گيت گونجي ٿو.

****

“مون تي شعر لکي ڪو مون کي ماڻُ ڏئي،”
شاعر آڏو خالي ڪاڳر سوچي ٿو.

“ڇو نہ ٻُڌن ٿا ماڻهو فطرت جي ٻولي؟”
چنڊ ڪڙو جو آهي ٻاهر سوچي ٿو.

مون پڇيو هو “محبت ڇاهي؟” هُو چُپ آ،
سائنس جي علمن جو ماهر سوچي ٿو.

محبوبا جي ٻاڪر تي ڇا ڇا لکجي!؟
لفظ رُلل جنهن ڪان سو شاعر سوچي ٿو.

“ماڻهو پنهنجي وندر ڪاڻ اچن ٿا بس،
سمجهن منهنجو درد نہ” ساگر سوچي ٿو.

هن جي ٻچين ۾ ڪيڏڻ جا سڀ منظر،
لاش ڏسي اڄ گهر جو آڳر سوچي ٿو.

دهشتگردن جي گولين سان ٻارَ مري ويا،
“ڇا لکجي!؟” لفظن جو ساحر سوچي ٿو.

****

پيار ۾ جي دوستي ناهي پرين!
پيار جي پوءِ زندگي ناهي پرين!

عيش ۽ آرام کھڙا تو ٻنان!
مُرڪ جو مطلب خوشي ناهي پرين!

زندگي هاڻي ٻہ هيءَ رنگين آ!
ها مگر تنهنجي چُني ناهي پرين!

آهي اندر ۾ سمندر درد جو،
پوءِ ٻہ اک ۾ ڪا نمي ناهي پرين!

آ چپن- ڪشڪول چُمين سان ڀريل،
بس رکو تنهنجي چُمي ناهي پرين!

عشق جي هيءَ راهہ ڏاڍي آ ڏُکي،
موت پل، تنهنجي گھٽي ناهي پرين!

آ نشاني ماڻهپي، احساس جي،
لُڙڪ لاڙڻ، ٻزدلي ناهي پرين!

زندگيءَ جي ذِلتن کي آ ٻڄُو،
ڏوهہ ڪوئي خودڪشي ناهي پرين!

لاش ڪئن خوش ٿي سگھي ٿو، جيڪڏهن،
ڳوٺ پنهنجي جي مِٽي ناهي پرين!

****

ماڻهن کي مارن ٿا اڄ نادان سمورا،
قتل ويا ٿي شعرن جا ديوان سمورا.

هاڻي آزادي ناهي ڪنهن جي محبوبا،
چو ته ويا ٿي مقتل هن ويران سمورا.

محبت جي هن ڏوهه ڪرڻ جي هيءَ سزا آ،
جو مون کي مارڻ لئہ ڪن اعلان سمورا.

تون ئي محبوبا ۽ تون ئي آزادي آن،
ڳالهه اها ڪئڻ سمجهن هي نادان سمورا.

هوءَ جيڪا گل جهڙي آ تنهن لاءِ سڀن جي،
پاڪين جا آتا آهن گلدان سمورا.

هڪڙو ڳيرو جو دنيا کي لوڏي ويو آ،
سوچي سو پوڙها ٿي ويا حيران سمورا.

ڪيڏو انسانيت کان دُور وڃن ٿا ٿيندا،
هي ماڻهو ڪاٿي آهن انسان سمورا!

تو ئي درد ڏنا ۽ تو ئي شعر ڏنا هي،
ڪيئن وساريان تنهنجا هي احسان سمورا!

ماري ڪير سگهي ٿو سورج کي يارو!؟
ڪين مُئا هِن صبح سندا امڪان سمورا.

****

وري سِڪَ تنهنجي لڳي آ گهٽي،
هلي آ پرين! تون به هاٽي ڪٽي!

چِتو تو نظر هاڻ سڀ ڪجهه اچي،
جڏهن ڪان محبت آ مشعل ٻٽي.

چپن تي چُميون اج گُلن جئن ٽڙيون،
هي آ! وچن سي نه سپئي چٽي.

جوانيءَ جي جادوگري آهه جو،
ائين تون اچانڪ وئي آن وٽي.

اجهو ٿي اُٿي هوءَ محفل منجهان،
دليون ڪيترين پاڻ سان گڏ ڪٽي.

وٹن جي نه وارن کي ويجهو اچي،
هواء آڱرين سان ڏئي ٿي ڦٽي.

لڳي تو خدا پي آ روئي پيو،
پلا مِينهن جي چاهي هرڪا ڪٽي؟

جدائيءَ سندا سُور سارا سهي،
اسان جيءَ دل، شاعري آچٽي.

****

چانوَ ۾ ويھ گھڙي ڏينھن تتل ڏاڍو آ،
ڪو پٽي ساھہ تہ ھل! ڏُور پنھل ڏاڍو آ.

بس انھي جي ڪري ھي شخص ٽُٽل ڏاڍو آ،
جنھن جي نيڻن ۾ محبت جو ڪجل ڏاڍو آ.

مان پوان پير ٻَڌان ھٿ، ڪيان منٿون ڪي،
ڏانءُ ڪو ڏَس تہ سھي يار رُٺل ڏاڍو آ.

منھنجي اکڙين ۾ نہ اچجانءِ او ٺھڪن واري!
منھنجي اکڙين ۾ ڪڪر غم جو اُٺل ڏاڍو آ.

ڪيئن تون ان جا ھڙئي ٽُڪر ڳَڀيَ جوڙيندين
دل جو آئينو اڳي ڪان بہ ٽُٽل ڏاڍو آ.

تنھن ڪي تلوار ڪندي ڪھڙو اثر دشمن جي،
جو حسينن جي نگاھن جو ڪُٺل ڏاڍو آ.

چانڊنيءَ ۾ تون چڙي ڏينس تہ ڪجھ خواب ڏسي،
ٿورو شاعر ڪي سُمھڻ ڏي ھُو ٿڪل ڏاڍو آ.

****

پيار ئي او پرين! بس رڳو دين آ،
پيار ڪان ڪا وڏي بي نہ تسڪين آ.

پيار آ چتر ڪاري خدا جي پرين!
جنهن ڪري زندگي هيءَ رنگين آ.

تنهنجي غم جو ڪجل آ اکين ۾ پيل،
تنهن ڪري ئي نہ هر ڏيک غمگين آ.

تنهنجو غم ئي چکي زندگيءَ جي زبان،
زندگيءَ ذائقو هاڻ نمڪين آ.

پيار مان قول جيڪي پرينءَ موڪليا،
هوءَ ڏسي ئي پئي توڙي نابين آ.

قولَ، پوپٽَ، پکي، چنڊ، تارا، سمنڊ،
سڀ رُنا، ڇو نہ شاعر جي تدفين آ.

شاعري ڪين آ يار! تحسين لئہ،
هيءَ پنهجي ئي من لاءِ تسڪين آ.

****

پيار هيو هي ڪارڻ نيٺ واريءَ جو،
جنهن احساس ڏياريو دنيا ساريءَ جو.

هاڻي شعر لکان ٿو مان مظلومن تي،
ٻُج چٽيل آ اُن ۾ پي هن پياريءَ جو.

"فخر محبَت منجهه شهادت جو آهي!"
ڌرتيءَ تي هڻُ لاش چوي ٿو ڪاريءَ جو.

هن کي چاهت ڪين ڏنم بس شعر لکيم،
قرض لهي ڪئن شعرن سان اُن ناريءَ جو!؟

ڪيڏو سهڻو آهه هوا ۾ هيءُ پکي!
ڪاش خطا ٿئي اڄ نہ نشانو ماريءَ جو!

جنهن کان يار جُدا آ، درد اُهو ڄاڻي،
گُل چِٽيل آ جنهن تان پي، اُن ٽاريءَ جو.

"آءُ نہ هڪبئي لئہ آئينو ٿيون تون، مان"
ڪيڏو سهڻو مقصد آهي ياريءَ جو!

پنهنجي نينگر اڄ بہ سڙي ٿي دانگيءَ سان،
تو هوٽل ۾ ورتو پاسو ڏاريءَ جو.

پنهنجي اندر جون ڳالهيون لکندي چاتم،
مون نہ لکيو جڙ قِصو دنيا ساريءَ جو.

****

# نظم
# آزاد نظم
# نثري نظم

## پڇريون آواز

اچو پنھنجا قلم اُڇليون!
اچو سارا لکڻ وارئو!
لٽاڙي ھي قلم ڇڏيون،
حياتيءَ کي ڇڻ وارئو!

اھا کھڙي قلمڪاري!
اھو ئي ڏاڍ آ جاري،
پکيءَ پويان اجا ماري،
محبت ٿئي پئي ڪاري.

لکڻ سان ڇا مَٽيو آھي؟
اُھائي سچ تي تھمت،
اُھائي ڪوڙ جي طاقت،
اُھائي عشق تي لعنت.

قلم پو ڪھڙي ڪم جو آ،
نہ ٿو جو زندگي ٺاھي!
نہ ٿو روڪي جو ظلمن کي،
اجايو فن رکو آھي.

اجايو فن ويو پنھنجو،
اجايون سڀ ڪھاڻيون ٿيون،
اجايون ڳالھڙيون ساريون،
اھي جي شاعراڻيون ٿيون.

## پيو آواز

اڇو پنهنجا قلم سانديون!
اڇو سارا لکڻ وارئو!
قلم کي ڪا سلامي ڏيون،
حياتيءَ کي گهڙڻ وارئو!

قلم پي ساز وانگر آ،
سُريلو ٿو ڪري جيڪو،
قلم پي ديپ وانگر آ،
انڌيري ۾ ٻري جيڪو.

وجودن کي سنوارڻ جو،
هُنر آهي لکڻ پيارا!
سچائيءَ جي ٻہ منزل جو،
سفر آهي لکڻ پيارا!

اڄايو فن ويو ناهي،
اجا پي ڪو پڙهي وينو،
۽ ڏاهپ جي وڏي ڏاڪڻ،
حياتيءَ چڙهي وينو.

قلم ڪا زندگي ڏئي ٿو،
قلم ڪا روشني ڏئي ٿو،
پسائي جا چٽو چهرو،
قلم سا آرسي ڏئي ٿو.

## تُون

اسان جي آ دل کي الئہ پياس ڪهڙي!
اسان جي اندر ۾ الئہ تاس ڪهڙي!
ندين جهڙيون نا ريون ڪئين آيون پيا ريون،
پري ڏُک پيتيون ڇُميون جن جون سا ريون،
مگر پو بہ دل جي ٻُجهي پياس ڪانهي،
اسان جي اندر جي لٿي تاس ڪانهي،
اسان جي اندر کي سمندر ٿو گهرجي،
سمندر اهو بس تون ئي ٿي سگهين ٿي.

الئہ لمس ڪهڙو اندر کي کپي ٿو!
اسان جو بدن جڻ هميشہ رهيو آ،
حسينن جي هٿڙن سان وچند ڙ ڪو سُرندو،
مگر پو بہ اندر رهيو اڻ ڇُهيو آ،
سدا ساز خاموش وانگر رهيو آ،
اندر جي نہ تارن کي ڪنهن پي ڇهيو آ،
اسان جي اندر کي ڇُهي تون سگهين ٿي.

الئہ ماڳ ڪهڙو بہ دل کي کپي ٿو!
الئہ لاڳ ڪهڙو بہ دل کي کپي ٿو!
پکيءَ جڻ سدائين پئي ٿي اُڏي دل،
گهڙي ڪن هِتي ۽ گهڙي ڪن هُتي دل،
مگر ماڳ اهڙو نہ ڪوئي لڌو دل،
جنهين ماڳ جو آهہ سپنو ڏٺو دل،
اهو ماڳ تون ئي رکو تو سگهين ٿي،
اهو ماڳ تون ئي ٿِکو ٿي سگهين ٿي.

## اهو ڪين پُڇ

اهو ڪين پُڇ تون تہ ڇا عشق آهي!
ڪڏهن پي نہ پُڇ تون تہ ڇا عشق آهي!

انهي بس ڪڪر کي رڳو ڏس پهرڪي،
وسي جو گلن ساڻ سارن ڪنڌن تي،
انهي گل کي ڏس جو خوشبو ڏئي ٿو،
سنگهيندڙ، پٽيندڙ ٻنهي کي ڏئي ٿو،
انهي سج کي ڏس جو اُڀري اچي ٿو،
۽ دنيا جي هر چيز روشن ڪري ٿو،
انهي چوڪريءَ جي رڳو ڏس اکين ۾!
ڪُڇي ڪانہ جيڪا زبان سان پئي ٿي،
مگر مان ۾ ڳالهہ ساري سلي ٿي،
محبت انهي مان ۾ ئي ملي ٿي.

وضاحت نہ ڪا عشق جي ٿي سگهي ٿي،
وضاحت وڃائي ٿي معنيٰ سموري،
لچي لفظ لک عشق آڏو اچي ٿيا،
لکين لفظ اونها نہ هن عشق جيڏا،
ٿڌي ساهہ جهڙو ڪو جملو نہ آهي،
نہ ئي گهور جهڙو ڪو فقرو بہ آهي،
اهو ڪين پُڇ تون تہ ڇا عشق آهي!
ڪڏهن پي نہ پُڇ تون تہ ڇا عشق آهي!

## پاڻي

سندو! ڪيڏا لُڙڪ ڪِن ٿا،
توکي ٻيهر تا ر ٿيڻ لئہ؟
سپني جڙن سنسا ر ٿيڻ لئہ؟
سنڌڙيءَ جي گلزا ر ٿين لئہ؟

پاڻيءَ ڏُڪ لئہ ٻا ر رڙن ٿا،
ماءُ رڙي ٿي، پيءُ رڙي ٿو،
ھا ري ۽ مزدور رڙي ٿو،
جند ڙيءَ جو ھي جيءَ رڙي ٿو.

پاڻيءَ ۾ ھي ھيرا ڪِرڻا،
پاڻي پنھنجي دولت آھي،
پاڻي مالامال ڪري ٿو،
پاڻي ئي بس راحت آھي.

پر ھاڻي سو پاڻي ڪونھي،
سُک جي ڪائي ڪھاڻي ڪونھي،
پاڻيءَ- دولت ماڻي ڪونھي،
ھِير بہ پاڻيءَ ھاڻي ڪونھي.

ھاڻي اھڙو پاڻي ايندو،
جنھن ۾ سپ جو لُڙڪ بہ ھوندو،
جنھن ۾ پنھنجو درد سمورو،
لُڙھندو ويندو، ٻُڏندو ويندو،
لُڙھندو ويندو، ٻُڏندو ويندو.

## ڪائي معنيٰ ڏي تون پيارا!

مان نہ اجائي مٽي آهيان،
تون ڪنهن ماهر ڪنير وانگي،
هاڻ سجايو پيو ڪر مون کي،
مون مان چڱو ڪو ٿانءُ بڻائي.

مان نہ اجايو پٿر آهيان،
۽ تون سنگتراش جيان آن،
مون کي پنهنجي هٿڙن سان تون،
بخشي چڱو ڪا مورت پيارا!
مون کي ڏي ڪا صورت پيارا!

مان نہ اجائي ڪاٺ جيان هان،
جنهن جو ڪوئي ڪارڻ ڪونهي،
تون ڪنهن ماهر واڍي وانگي،
مون مان بيڙي ٺاهہ پيارا!
ڪاهي هل! جت پيار ڪنارا.

مان جيڪو بيڪار پيو هان،
پيار بنان جو يار! پيو هان،
منهنجي بي معنيٰ هستيءَ کي،
ڪائي معنيٰ ڏي تون پيارا!
ڪائي معنيٰ ڏي تون پيارا!

## بغاوت

نِنڊي ڪان وڏن جي چوَن تي هليا سين،
وڏن جي ئي مرضي جي قيدن ۾ هئاسين،
پنهنجو ڪو به رستو نہ ڳوليو سگهيا سين،
پنهنجي ڪا بہ منزل نہ ماڻي سگهياسين.

ٻڌايو ويو هو "گناهہ آ بغاوت"
ٻڌايو ويو هو " حبت آ تهمت"
چَين ڪونہ "آهي بغاوت سچائي"
چَين ڪونہ "آهي محبت عبادت".

انهيءَ لئہ سدائين محبت، بغاوت،
جي لفظن پيارن کان چرڪيا رهاسين،
ائين پنهنجي گهر جي ڪليل قيد ۾ ئي،
حياتي اجائي ڪٽيندا رهياسين.

اڇو! هاڻ پنهنجو ڪو رستو ڳا ناهيون،
حياتيءَ جي جنهن تي سواري هلايون،
سواري هجي ماڻهو جنهن جي منزل،
اڇو! هاڻ يارو! پنهنجو پاڻ پايون.

محبت کي پنهنجو ئي رهبر بڻايون،
بغاوت جو سڀ کي ڳا پرچم ڪڍايون،
ائين آرسيءَ ۾ ڪو آزادگيءَ جي،
سڀن کي ڳا پنهنجو ئي چهرو ڏسايون.

****

هو ڏانهن زماني جون راهون،
هيڏانهن محبت جون ٻانهون،
۽ تون وچ تي بيٺو آهين.

هوڏانهن وچڙ جي تون چاهين،
پل يار! زماني- حصو ٿيءُ،
۽ سالَ پراڻو قصو ٿيءُ!

هيڏانهن اچڻ جي تون چاهين،
هيڏانهن محبت- ٻانهون ٿي،
۽ دردن جون ڪي دانهون ٿي.

هيءَ محبت ئي بس سچُ اٿي،
هيءَ ٻاهه سندو ڪو مچ اٿي،
جنهن ۾ خطرو پيو گهڻ اٿي.

تون وچ تي بيٺو آن ساجن!
جڏانهن وچڙ تون چاهين ٿو،
تون وچ سا تنهنجي مرضي آ!

## ثمر

پاڻ کي پيا نيٺ ٺيٺو ھو جدا،
پر اھو پيو او پرين! گھٽ ڪونہ آ،
جو اسان کي پل مليا ڪي پيار جا.

پل اھي جي عمر تي ڀاري ھيا،
پل اھي ئي جن تي خوش آھي خدا،
ڇا اھو ڪافي نہ آھي جو پيا!
سونهن تنھنجيءَ جو سڄو سارو تصور،
اڄ بہ مون ۾ ڪا پري ٿو زندگي،
مرڪندڙ تنھنجي ئي مُک جو نُور ھو،
جنھن ڪري جيون ۾ آئي روشني،
تنھنجي نيڻن جي نظر حاصل ڪري،
زندگيءَ جي ھئي ڳُجھا رت مون ڀڳي،
تنھنجي ٽھڪن جي ئي موسيقي تہ ھئي،
زندگي ھيءَ جنھن سُريلي آ ڪئي،
تنھنجي چيڙن مان ڇُڪي پي پيار جي،
زندگي ٿي آسدائين لئہ مني،
تنھنجي وارن تن وڏن جي ڇانو جي ڇانو ۾،
روح رليل کي ملي وئي آشتي،
جسم تنھنجي ۾ پناھون ڪي مليون،
دل بہ منھنجي دير تائين ھئي لُڇي،
اڄ بہ تنھنجي سُونهن جو جو آھي اثر،
جو ڪري ٿو سهل جيون جو سفر،
ڇا ٿيو جو تون جدا ٿي آن وئي،
پيار جا پل عمر جو آھن ثمر،
پيار جا پل عمر جو آھن ثمر.

## نئين دور جي نئين انسان لاءِ

هن ذرتيءَ جو آن ناز بہ تون،
۽ صدين جو آواز بہ تون،
جو اُوچو ٿي هر چيز ڏسي،
سو آهين جڙ شهباز بہ تون.

هي رسمون سڀ زنجير اٿي،
تون هاڻي تن کي ٽوڙي ڇڏ!
۽ صوفين راهہ ڏسي آ جا،
تون ٿورو ان کي موڙي ڇڏ!

تون گل تي ماڪ ڦُڙو ناهين،
تون آنهہ سمندر گهرو کو،
ٿيون راهون تنهنجا پير تڪن،
تون اڳتي وڌ، چو آن بيٺو!

جت ڪنهن بہ پکيءَ جو پير نہ آ،
سا جاءِ تہ پنهنجي اوسيئڙي،
هي چنڊ ستارا پيرن جئن،
تڪجي پونين ميڙي ميڙي.

هي تنهنجا نديڙا هٿ ڪڏهن،
ان دنيا خالق جا ٿيندا،
جنهن دنيا جا انسان سيئي،
تو جهڙا ئي مالڪ ٿيندا.

## تنهنجي بيوفائيءَ کان پوءِ

تنهنجي بيوفائيءَ کان
پوءِ چو چوان جانان!
"زندگي اجائي آ."

تون رکو نہ آهين پر،
پو بہ جي تہ سگهجي تو،
فيض جئن چيو آهي،
"پيار بن بہ ڏک آهن"
پيار بن سُک آهن،
چو نہ ائن چوان جانان!

منهنجو پيار دريا هو،
تو طرف هو وهندو هو،
هاڻ انهي دريا جو،
رُخ ڦري بہ سگهجي ٿو،
ائن ڪري بہ سگهجي ٿو،
پيار هي سڄو سارو،
سچ کي ڏئي ڇڏجي،
ديس کي ڏئي ڇڏجي،
ڪن غريب يارن کي،
پينرن کي مائن کي،

پوپٽن کي گلڙن کي،
چنڊ ۽ ستارن کي،
يا حسين شعرن کي،
يا ڪنھن بہ ٻئي فن کي،
پيار ھي ڏئي ڇڏجي.

زندگيءَ جو مقصد ،
صرف ناھہ عورت ئي،
۽ انھي جي محبت ئي،
زندگيءَ جو مقصد ،
ٻيو وڏو بہ آھي ڪو.
تون رڳو نہ آھين پر،
پو بہ جي تہ سگھجي ٿو ،
پوءِ بہ جي تہ سگھجي ٿو.

## ڪيڏي تلخ حقيقت آهي

ڪيڏي تلخ حقيقت آهي،
گندي دنيا ڪُوڙي ناهي،
اُجرا سپنا ڪُوڙا آهن،
ميرو جيون سچو آهي.

## او ڳوٺاڻا ڳوٺ سڏئي ٿو

او ڳوٺاڻا ڳوٺ سڏئي ٿو،
ڳوٺ، جنهين ۾ تنهنجي جڙ آ.

ڳوٺ جون ڳليون جن ۾ تنهنجي،
ٻچپن جون يادون آهن،
ڪيئن وساريون سي تون آهن؟
آءُ هلي آ! ڳوٺ سڄي جا منظر تنهنجي،
نظرن منجهه اچڻ لئہ آتا آتا آهن،
اج بہ سنڌوءَ جون چوليون تنهنجي،
پيرن ساڻ لڳڻ ٿيون چاهن،
اج بہ مُهين جي اسٽوپا تي،
توکي بند تي جاچي ويٺي،
ڀلهڙيجيءَ جا چنڊ ستارا،
تو بن جڻ ويڳاڻا آهن،
پير، ڦريون، ڦوٽا توکي ٿا،
پنهنجي لذت بخشڻ چاهن،
تنهنجي ڳوٺ جا پنڇي پيارا!
توکي سڏڻ لئہ لات لنون ٿا،
اج پڻ فصلن جي وچ وارا،
سنهڙا رستا توکي سڏن ٿا،
تنهنجا سنگتي ساٿي سارا،

شام سمي جو راند رهن ٿا،
تنهنجي گهر جا پاتي سارا،
چُلهہ تي تنهنجون ڳالهيون ڪن ٿا،
آءُ هلي آ! سيءَ اچي ويا،
ڪنهن ناريءَ جا نيڻ وسي پيا.

هيءُ مجون ٿا توکي اڙي،
هر آسائش هوندي سُوندي،
ڳوٺ جي ياد بہ ايندي هوندي،
چو تہ مليرجي ماروئيءَ جهڙو،
تنهنجو منڙو ماندو هوندو،
ڳوٺ ڏسڻ لئہ، ڳوٺ اچڻ لئہ.

او ڳوناٽا ! ڳوٺ سڏئي ٿو،
ڳوٺ، جنهن ۾ تنهنجي جڙ آ.

مهين جي = موهن جو دڙي جي
ٻلهڙيجي= شاعر جو ڳوٺ

## ڏوھ

ڪنهن وڏي مقصد خاطر، خون ھڪڙو ڏوھ ڪونهي،
پر اجايو ٽار ٽان ڪو گُل چِنڻ پي ڏوھ آھي.

پيار جي آھي نہ پوءِ ويجھو ٿيڻ ڪو ڏوھ ڪونهي،
پيار جي ڪونهي نہ پو ٿورو ڇُھڻ پي ڏوھ آھي.

ڪُوڙ جنهن سان امن جا گل ڦُٽن سو ڏوھ ڪونهي،
سچُ جيڪو رت وھائي سو چوڻ پي ڏوھ آھي.

زندگيءَ جو ھي پڇي پڇرو اُڏڻ ڪو ڏوھ ڪونهي،
موت کان بيڪار جيون کي جِئڻ پي ڏوھ آھي.

دوستو وسڪيءَ جي ناول ( crime & punishment ) کان متاثر ٿي لکيل

## بانسريءَ جهڙي شخص جي ڪٿا

مان تہ چڻ ڪا بانس جي ڪاني هيس،
جا اجائي هئي پئي ، پر
عشق مون کي پنهنجي هٿڙن ۾ کنيو،
عشق مون ۾ سوهڻا ڪي سَلَ ڪيا ،
۽ مون کي هي روپ بخشيو.
عشق مون کي پنهنجي چپڙن تي رکي،
ڦوڪ پيا ري پنهنجي جذبن جي ڏني،
پوءِ سُرَ مون مان سوين نڪتا سچڻ!
سُرَ اهي جي شاعري ٿيا ،
سُرَ اهي جي روشني ٿيا .

سُر اُهي جي راڳَ ٿي پيا ،
زندگيءَ جو ڀاڳ ٿي پيا ،
سُر اهي جي رنگ ٿي پيا ،
۽ جيئڻ جا ڍنگ ٿي پيا .

### معصوميت

سال ڪيئي ٿي ويا ٻچپن وئي،
رانديون ڪندي،
آنءُ هاڻي ٻار ناهيان،
هاڻ جڏهين تن درختن جي وچان مان،
ٿو وڃان،
چانوَ تن جي جڻ چوي ٿي،
”بيوفا تون ٿي ويو آن،
چو تہ هاڻي تون اچين ئي ڪونہ ٿو،
پينگهہ شاخن ۾ ٻڌي ۽
تون لُڏين پي ڪونہ ٿو.“
۽ هتي پوپٽ چوَن ٿا :
”بيوفا تون ٿي ويو آن،
تون اسانجي پوئتان،
ڇو ڀلا ڊوڙين نہ ٿو؟
ڇو ڀلا ڊوڙين پيو
ايترو پيسي پٺيان؟
آ تہ گڏڻ سان هلي توکي ملايان،
۽ ٻڌايان ڇا هي دولت!
۽ اها معصوميت،
جا وڃائي تو اجائي ،

ڊوڙندي پيسي پٺيان،
آ تہ توکي مان ٻڌايان،
چاھہ چا ھي! خواب چاھي!
آ ھلي آ! آ ھلي آ!
ايتري پڻ بي وفائي ٺيڪ ناھي،
ايتري پڻ بي وفائي ٺيڪ ناھي.

## پورائو

تون، مان پاڻ آهيون، پيارا!
او دنيا بدلائڻ وارا!
مان هان تنهنجو شاعر پاڻُ،
ڌرتي آهه ٻنهي جي ماءُ،
پاڻ ٻئي فرزند آهيون هي ڌرتيءَ جا،
ٻئي پورائو آهيون پنهنجي هستيءَ جا.

هي منهنجي خوابن جا وچ تون ٻج ڪٽي،
۽ سياست جي ٻنيءَ ۾ تون ڇٽ وجي،
ڏينهن اهو پيو ڏسندا سين پو تون ۽ مان،
هن ڌرتيءَ تي فصل سجاڳيءَ جا ٿيندا،
گل آزاديءَ جا ڦٽندا،
هي ۽ ڌرتي،
فرزند ٻئي جنهن جا آهيون.

## هوءَ مونکي ٿي چوي

“هاڻ تون مون کي ڇڏي ڏي،
چو تہ پنهنجي راهہ هاڻي آ جدا،
۽ نہ ٿي مان چاهيان،
راهہ ان ۾ تون بہ پنهنجي
هن جوانيءَ جا هي نازڪ پيرڙا،
نا اميدين جي ڪنڊن سان،
ئي ڪرين زخمي پرين!
هاڻ تنهنجي پيرڙن لئہ
منتظر هن ڪوڙ راهون،
جن ۾ ڪيئي ڇوڪريون نازڪ گلن جان
واس محبت جو ڏيڻ چاهن ٿيون توکي.
ڏِس تہ تو لئہ ڇوڪرين جو ڪوڙ ٻانهون
منتظر آهن پرين!
جي ڏئي توکي سگهن ٿيون پيار سارو
جو ڏئي مان ڪونہ توکي ٿي سگهان،
ڪين ٿي مان ٿي سگهان،
تنهنجي جيون جي غزل جو ڪورديف،
جو مڪمل تنهنجي شعرن کي ڪري.

پر ڇڙي ٿو مان چوان:
“عشق تي ڪو زور ڪونهي،

عشق ڪائي بيخودي آ،
جنھن ۾ پنھنجو ڪوبہ ڪونھي دخل ڪو،
ھي پَڪي جان ڪونہ آ جنھن جي ھوا جو
رُخ پيو ڦيرائجي،
عشق ميندي ڪين آ جا لائجي،
ءِ ڪجن ھي انگ ڳاڙھا ،
ڪين گھرجن سي ڳلن جون مونکي راھون ،
جن ۾ ڪُوڙي آ خوشي،
پر مون کي آھن قبول
سي ڪنڊن- راھون پرين!
جن ۾ سچو درد آ،
مان ھلي تن تي وھائڻ چاھيان ٿو
خون پنھنجي پيار جو،
چو نہ سوئي سچ آھي،
ھا اھو ئي سچ آھي.”

## خودڪشيءَ جو خيال

زندگيءَ جي هر طرف تذليل ڪيو ٿا ،
زندگيءَ- مفهوم کي ماري ڇڏيو ٿا ،
سچ کي پيي ها سدا پاڳل چئو ٿا ،
۽ انهي ئي ڏوهہ ۾ پٿر هڻو ٿا ،
عشق جي نازڪ بدن کي پيي ڪُهو ٿا ،
هيءَ اچائي عشق جي ڪاري ڪيو ٿا ،
سونهن جي سڏڪي مرڻ تي خوش ٿيو ٿا ،
خواب جي سنسار کي پُوندا ڏيو ٿا ،
بادشاهي دل سندي سنگسار ڪيو ٿا ،
اڄ بہ آزادن جي لئہ پڃرا ونو ٿا ،
۽ انهن جا پَر ڪٽي قابو ڪيو ٿا ،
زندگيءَ ۾ موت جو سامان ٿيو ٿا ،
مون جو پرپور هڪ امڪان ٿيو ٿا ،
۽ اسان جي زندگي اهڙي ڇڏيون ٿا ،
۽ پناهون موت جون حاصل ڪيون ٿا ،
پو اوهان هي ڪار ڪائي چو چئو ٿا :
“ خودڪشي آهي حرام
خود ڪشي آهي گناهہ.”

## هاڻ هلي آ

او جانان! تون هاڻ هلي آ!
هاڻ هلي آ،
جو منهنجي هي،
پيار جو ٻادل توتي،
ٻرسڻ چاهي ٿو.
هاڻ هلي آ، مونکي تو ٻن،
اڄ هجڻ جو هي احساس ٻہ ماري ٿو،
هاڻ هلي آ جو منهنجي جيون جي وڻ ۾،
محبت- ميوو پچي ويو آ،
۽ ان کان اڳ جو هي اُڪري،
جان! هلي آ!

ڪيڏا ڏينهن اجايا آهن،
جيڪي تو ٻن هي گذرن ٿا،
جن ۾ تنهنجي نظرن جي ڪا نعمت ناهي،
جن ۾ تنهنجي ڳالهہ سندو ميناج نہ آهي،
جن ۾ تنهنجي جسم سندي ڪوساڻ نہ آهي،
جن ۾ تنهنجي مُرڪ سندي مهڪار نہ آهي،
پر او جانان! هاڻ هلي آ!
هاڻي جيڪي ڏينهن ٻچيا هن،
تن ۾ تنهنجو پيار پري ڇڏ!

جيون کي گلزار ڪري ڇڏ!
جيون چاهي!!
بس پنهنجي ئي
پيار کي پائڻ جي ڪاوش آ،
پار کي ماڻڻ جي ڪاوش آ.
او جانان! تون هاڻ هلي آ،
هاڻ هلي آ جو پنهنجو هي،
گُل- بوٽي جهڙو رشتو،
وصل جي پاڻيءَ سان سونهين ٿو،
وصل سان هن ۾ گل ڦُٽن ٿا،
پيار سندي مهڪار اچي ٿي،
۽ هن جيون ۾ او جانان!
پيار سندي مهڪار امرتا ماڻي ٿي،
پيار سندي مهڪار امرتا ماڻي ٿي.

## هي چا چاڻن

جيئن وجان ٿو بند هينان مان،
ڪيئن مان ٿا ڪي ڳوناٽا،
مون کي ڏسندي، ڏاتا رکندي،
پاڻ ۾ سُس پُس وينا ڪن ٿا،
شايد وينا هئين چوَن ٿا:
“هي نہ لڳي ٿو واندو آهي،
ڪو هن کي ڪم ڪار نہ آهي،
هيئن هتي چو روز اچي ٿو؟
چا روزانو هيئن ڏسي ٿو؟”
پر هي چا چاڻن ويچارا،
چا چا آنءُ ڏسان ٿو هتڙي.

هي ڪيت سرنهن جا منهنجي لئہ،
ڳهاتا يار نہ آهن ڪيئي،
هي سورج ڪرڻا سنڌوءِ تي،
مون لاءِ وڏي ڪا دولت آ،
هي ٽڏڙا جهُوتا هيرن جا،
محبوبا جي ڳالهين وانگر،
هي نيرو آڪاس مٿان،
جو چڙ پرين جو رئو آهي،
هي وڻ سجاڻ ٿا مون کي،

سالن کان ڳوٺاڻن وانگي،
هيءَ مٽيءَ جا رستن تي آ،
سا ڪيڏي پنهنجي پنهنجي آ.

پر هي چا ڄاڻن ويچارا،
هي ڪونہ ڏسن منظر سارا،
جڏن آنءُ ڏسان ٿو پيو هتڙي،
جڏن آنءُ ڏسان ٿو پيو هتڙي.

## محبت جو پيرت

پرت پريندي تنھنجي نظرن،
منھنجي دل تي پيي ڪوئي،
محبت جو جڻ پرت پريو آ.

منھنجي دل جيڪا اڳ ۾،
ٻُسي ۽ ڪنھن خالي ڪپڙي جھڙي ھئي،
تنھن کي تنھنجين نظرن اھڙن،
رنگن جي ڪا نعمت بخشي،
جن سان منھنجي دل ۾ ڪائي،
پياري پياري رونق آئي،
پو آنءَ سمند ر جھڙن تنھنجن نيڻن ۾،
لڙھندو لڙھندو دُور وئس،
ھا پر پو منھنجي جانان!
پاڳن جي موسم جا ڏينھن بہ ڦرندا ويا،
ائين وڇوڙا وڌندا ويا
................
پر ھاڻ ڏِسين ٿي جڏھين تون،
ائين ڪرين ٿي ظاھر تون،
جڻ منھنجي دل تي ڪا تون،
ڪاريگري ئي ڪانہ ڪئي آ.
پر او منھنجي سانورڙي! او وسررڙي!

سڀ ادائون تنهجون اڄ پڻ،
منهنجي دل تي چقمق وانگر چنبڙيل آهن،
۽ هاڻ پلي تون آءُ ڏسي وڃ!
ڪيئن اڄا پڻ ٽاڪا سي تہ کُليا آهن،
ڪالهہ هنيا ها جيڪا پيا ري!
محبت جا ڪي،
پرت پريندي،
تنهجي نظرن،
منهنجي دل تي.

## مِينهن کان اڳ ۾

مِينهن کان اڳ ۾ سڄو
ماحول چُپ ٿي آھہ ويندو.
بند ٿي آھي ھوا ويندي تڏھن،
ساھہ گھُٽجڻ آھہ لڳندو تنهن مهل،
نيٺ پو آ مِينهن وسندو،
پو سڄي ماحول ۾ آ شور ٿيندو،
پو ھوا مان آ سڳنڌ ايندي پئي،
ڇو تہ آخر،
حَد ھوندي آھہ ھر ھڪ چيز جي.

اڄ تنهنجي ناراضگيءَ ۾،
مينهن کان اڳ واري ڪيفيت،
مان پيو محسوس ڪيان،
۽ پيو دل ۾ چوان:
”اَبَ جئَن ناراضگي،
ساھہ گھٽجي ٿو پيو جنهن ۾ سندم،
ختم ٿي ويندي پرين!
مينهن محبت جو بہ وسندو،
شور ٿيندو ڪو کِلڻ جو،
ڳالهڙيون تنهنجو سڳنڌون ڏينديون،
ڇو تہ آخر،
حد ھوندي آھہ ھر ھڪ چيز جي.

## چُمي

مان جنهن وقت بہ
پين سان ڪنهن پني تي،
تنهنجو نالو لکندو آهيان،
تہ پين پني کي،
چُمي ضرور ڏيندو آهي.

## نوان سهڻي ميهار

تون ئي منهنجي سهڻي ۽ مان،
تنهجو ئي ميها ر آهيان،
يا ر نہ آهيان،
پيا ر نہ آهيان.
هُو ڌم تنهجي جسم سندو ڪو آ بس ساٿي،
پر مان تنهجي روح سندو ڪو آهيان ساٿي.
مان ئي تنهجي،
جيءَ سندو سنسا ر نہ آهيان،
تنهجو ئي مان پيا ر نہ آهيان،
پو پي ڏس مان ڏا ر نہ آهيان.
چو هڻ توکان ڏا ر بہ آهيان؟
توڙي تنهجي اکڙين جو مان ٺا ر بہ آهيان.

هيءُ زمانو، هي رسمون هِت،
تنهجي منهنجي وچ ۾ جيڪي،
جڻ نہ وهن ٿيون دريا وانگي،
تن جي دهشت ڏاڍي آهي،
پو پي محبت ڏاڍي آهي،
جو هڻ تو مون وانگر ڪيئي،
چاهن هن ۾ روز ٻُڏڻ ٿا،
چاهن هن مان پا ر پُڄڻ ٿا.

چاهن ڪنهن سان ڏار ملڻ ٿا.

پر هي دريا ظالم آهي،
جو رسمن جو تيز وهي ٿو،
جنهن ۾ محبت روز ٻڏي ٿي،
جنهن ۾ محبت روز مري ٿي،
روز ٻُڏي ٿي، روز مري ٿي.

## ورٿو

راھہ تي پِنندي رھي ٿي،
ڇو تہ ورثي ۾ مليو ھن پي پنڻ آ.

ھنج تي ھن کي ننڍو ھڪ بار آھي،
جو گھڻو بيمار آھي،
جنھن جي اکڙين مان پيو،
موت ٿو پائي ليئا.
ڇوڪريءَ جي عمر ۾ ئي،
ھوءَ عورت جڻ ڪُراڙي ٿي لڳي،
سُونھن جي پي ساٿ جي،
ھن سان پچاڙي ٿي لڳي.
ڪيتري ھئي خوبصورت!
۽ ھيس معصوميت!
پر مقدر جي ھوائن ۾ ڇٽي ويو،
گل انھي جي ڀاڳ جو.

مرد ھن کي تنگ ڪن ٿا،
روح سان جڻ جنگ ڪن ٿا،
ھوءَ چاھي ٿي تہ جيڪر
”مان بچو تن کي ڏيان“
ھوءَ پر مجبور آھي،

هٿ ساڳيو ئي جهلي ٿي،
۽ پِني ٿي،
چو تہ هن کي ٻار آهن،
جيءَ جا جنسار آهن،
جن سندو هوءَ آسهارو.

هوءَ پنندي نيٺ آخر ٿي ڏسي،
ٿهڪ ڏيندڙ هڪ اداڪاره جو فوٽو،
۽ پٺئي ان کي چوي:
“تون بہ جي هڙئي جمين ها!،
تون بہ مون وانگر هجين ها!،
تون بہ مون وانگر پِنين ها!.”

## شاعريءَ جي ماکي

اڄ جدائيءَ جي خزان ۾،
منهنجي مُرڪن جا سپئي
ٻوٽا پيا ڇڻدا وڃن،
۽ ڪيان ٿو ياد مان،
تنهنجي ٽهڪن جي بهار.

تنهنجي ٽهڪن جي بهار،
جنهن ۾ منهنجي،
دل جي تارين تي ٽڙيا ها ،
پيار جا ڪيئي گلاب.

پيار جا ڪيئي گلاب،
جن تي منهنجي سوچ جي
سارين مکين جو ميڙ هو،
رَس چُوسي جن سموري،
شاعريءَ جي ماکي ٺاهي.

شاعريءَ جي ماکي جيڪا ،
آسدائين لئہ مِني،
زندگيءَ جي جا سڃي ڪوڙاڻ کي
ختم ٿي پيئي ڪري
ختم ٿي پيئي ڪري.

## سينگار

منهنجا محبوب!
مون تي تنهنجي نظر،
سهڻي لباس جيان آهي،
ذهن ۾ تنهنجو خيال،
ائين پُررو ٿو اچي،
جيئن آڱر ۾ مُنڊي،
ڪراين ۾ تنهنجا وڌل هٿ،
مون لئہ سون کان مهانگيون چوڙيون آهن،
اکين ۾ ڪجل،
تنهنجي پيار جو ئي تہ آهي،
تنهنجي نالي ونڻ سان ئي چڻ،
چپن تي سُرخي ٿي لڳي،
ڳلن تي تنهنجون ڦرندڙ آڱريون،
محبت جي لالي لائن ٿيون،
نرڙ تي چُمي جي چڏيل آلاڻ،
قيمتي جهُومر آهي،
وکريل وارن کي جيئن سڳي سميٽي،
تيئن سميٽي ٿو وکريل وجود کي،
تنهنجو پيار.
منهنجا محبوب!
تون ئي تہ آهين،
منهنجو اصل سينگار.

## مان توسان اجايو ڳالهيون ڪرڻ ٿو چاهيان

نہ گهرجي مون کي،
اها سُڪون واري ءَ پُوري ننڊ،
مان تنهنجي پاسي بدلائڻ ءَ
چوڙين جي ڇڻڪڻ ڪري،
هر هر ننڊ مان اُٿڻ ٿو چاهيان.

نہ گهرجي مون کي،
ڪنهن بهترين هوٽل جي بهترين چانهہ،
مونکي آئين
ٽڪڙ ۾ نهيل
مٺي چانهہ گهرجي،
جنهن جو ڍُڪ پري
توکي چيڙائيندي چوندو آهيان:
“گرم شربت ٺاهيو اٿئي!”

نہ ئي گهرجي مون کي،
اها وچوڙي جي چاندوڪي رات،
جنهن ۾ ٿڌڙي هوا،
وچوڙي جي ڦٽن تي لُوڻ برڪيندي آ،
پرمون کي اونهاري جي،
اها منجهند ٿاڪ گهرجي،

جنهن ۾ توسان محبت جون ،
اُني جي هوائن جهڙيون،
ڳالهيون ٿينديون آهن.

مان چاهيان ٿو تہ منهنجا
ڪاٺ جا ڪلف ٿيل ڪپڙا،
تنهنجي ڀاڪرن جي ڪري گهنججي وڃن.

مان چاهيان ٿو تہ تون مون کي،
ڀڪل ميوي وانگر پٽي وڃين.

مان چاهيان ٿو ۽ تون،
ڪٿان اوچتو اچي وڃين،
۽ منهنجي هٿ مان،
شاعريءَ جو ڪتاب ڪسي،
مون سان ڪي اجايون ڳاليون ڪرين،
ها ، اهڙيون اجايون ڳاليهون،
جن مان سجائي زندگيءَ جا ،
گل ڦُٽندا آهن.

## اڄ تہ موٽي هلون

اڄ! تہ موٽي هلون،
ان وقت ڏي،
جنهن ۾ تنهنجي پرس ۾،
منهنجي شاعري ۽ منهنجي ٻٽوڻءَ ۾،
تنهنجي تصوير هوندي هئي.

اڄ! تہ ان وڻ ڏي موٽي هلون،
۽ ان کي ايلاز ڪيون،
تہ هو اسان کي ڏئي،
ساڳي محبت جي ڇانوَ.

اڄ! تہ انهن لمحن کي پرچايون هلي،
جيڪي پراڻي ڊائريءَ ۾ مُرڪن ٿا،
پر هاڻي رُسي ويا آهن.

اڄ! تہ ماضيءَ جي ننڍڙن لمحن جون يادون،
هڪبئي کي ويهي ٻڌايون،
اهي ننڍڙا محبت سان ڀرپور لمحا،
جيڪي زندگيءَ جو وڏو سرمايو آهن.

اڄ تہ موٽي هلون ان وقت ڏي، جيڪو

اسان جي بي محبت ۾ بي رونق اکين ۾،
محبت جو ڪجل پائي.

گهڙي وڇڙائي،
دُورين کي بہ جنم ڏئي ٿي،
ان ڪري،
اڃ تہ موٽي هلون ان وقت ڏي!
جڏهن گهٽ ملندا هئا سين،
پر ڀرپور ملندا هئا سين.

## حُسن بچائيندو آهي دنيا کي

جڏهن بہ انسانيت مان مايوس ٿيو آهيان،
تڏهن تنهنجو حسن ئي هوندو آهي،
جيڪو ڏسيندو آ زندگيءَ جا گس.
جڏهن لاشن جي صورت ۾،
انسانيت جي هار ڏسي،
تو وٽ ايندو آهيان تہ ان وقت،
تنهنجو وجود ئي هوندو آهي،
جيڪو خوشبو ڏيندو آ زندگيءَ جي.
جڏهن بہ ماڻهن جي مجرماڻي مات ڏسي،
تو وٽ موٽي ايندو آهيان،
تہ اهي تنهنجون چوڙيون ئي هونديون آهن،
جيڪي زندگيءَ جا ساز ڇيڙينديون آهن،
آٿت جيئڻ جي ڏينديون آهن،
تنهنجا چپ ۽ ڳل ڏسي لڳندو آهي،
تہ گل سدائين ٽڙندا پيا.
تنهنجون خوبصورت اکيون ڏسي ئي،
يقين پختو ٿو ٿئي تہ نيٺ سڀ،
جنگيون ۽ ويڙهيون ختم ٿي وينديون.
چو تہ حُسن بچائيندو آهي دنيا کي.
ڪاش هاڻي سڄي دنيا جو حُسن،
سيني ماڻهن کي هٿ ڪان وٺي،
انسانيت جي راهہ تي،
پنڌ ڪرڻ سيکاري،
زندهہ رهڻ سيکاري.

## شاعريءَ احساس

منهنجا ٻہ دوست آهن،
تن مان هڪڙو شاعر آهي،
هو لفظن جو جادوگر آهي،
هو خوبصورت جملن جي چار مِ،
ماڻهن کي ڦاسائي سگهندو آهي.
هو سني نظر رکندو آ دنيا جي ادب تي،
پر هو شوقيہ شڪار ڪندو آ،
پکين ۽ عورن جو بہ.
هو ڪپڙا خراب ٿيڻ ڪري،
ٻارن کي هنج تي نہ کڻندو آهي.
هن ۾ احساس گهٽ
۽ فن گهڻو آهي.

منهنجو ٻيو دوست گهڻو حساس آهي،
هو گهٽيءَ ۾ رُوئندڙ ٻار جا ڳوڙها ،
پنهنجي قميص سان اُگهي،
ان کي پرچائيندو آهي.
هو پٿائيءَ جا بيت ٻُڌي،
لڙڪ روڪي نہ سگهندو آهي،
هو آسمان ۾ اڏندڙ پکين لاءِ،
تحفظ جي دعا گهرندو آهي،

هو پنهنجي محبوبا لاءِ به
گل نہ پٽيندو آهي،
هو رستي تان ويندي،
ڪنڊا ۽ پٿر پاسي ڪندو آهي،
هو هر شيءِ کي احترام سان ڏسندو آ ،
پر هو پنهنجي احساس کي شاعريءَ جو،
دلفريب روپ ڏئي نہ سگهندو آهي.
پوءِ بہ مون کي شاعر کان وڌيڪ
پنهنجو حساس دوست پيارو آهي.

## سڪون زندگي آ

پئسن سان زندگي ٺاهڻ وارا نوجوان!
اچ تہ توکي مان،
ٻہ ماڻهوءَ ڏيکاريان.

هي ڏس بنگلي ۾ رهندڙ امير ماڻهو،
جنهن وٽ سڪون کان سواءِ،
هر آسائش آهي،
هن جي دل هن جي گهر جي
وڏن بلبن وانگر روشن ناهي،
هن جون خوبصورت گاڏيون،
سڪون واري منزل تي نہ ٿيون پهچن،
هي ننڊ جي ٻانهن ۾ پناهہ چاهي ٿو،
پر ننڊ هن کان ڪاوڙيل هوندي آهي،
هي خوشيءَ کي ڪوپکي سمجهي ٿو،
جنهن لاءِ هن دولت جو پڃرو ٺهرايو آهي،
پر خوشي مادو تہ ناهي،
خوشي وئشيا بہ ناهي،
جيڪا پئسن تي گهرائي.

۽ اچ هن کي ڏس!
هي جيڪو گوڏ پاتل مهاڻو آهي،

هي سچ لڳي پنهنجي گهر يا تين لاءِ،
مچي ڪٽي وڃي ٿو،
هي جڏهن پنهنجي جهوپي ۾ اچي ٿو،
تڏهن هن جي ٻانبڙا پائيندڙ ٻا رڙي،
هن کي ڪيڪاري ٿي،
هي پنهنجي پُٽ جي شرارتي اکين ۾،
زندگيءَ جو سرمايو ڏسي ٿو،
رات جو پيار ڪندڙ زال سان سُمهي ٿو،
ننڊ هن لاءِ سِڪندي آهي،
هن جي جهوپي ۾ وڏا ٻلب ڪونهن،
پر روشني آهي،
پيار، سڪون ۽ خوشيءَ جي روشني.

اي نوجوان ڏس ۽ ٻڌ!
زندگيءَ جو نهڻ،
نوٽن جا ڍگ هجڻ ناهي،
پر پيار، سڪون ۽ خوشيءَ جو هجڻ آهي.

## لاجواب

مون وٽ تنهنجي،
ان سوال جو،
جواب ناهي هوندو،
جڏهن تون،
پنهنجي عميق اکڙين ۾،
ڪجل پائي،
ڳورو مرڪي،
پڇندي آهين،
“ڪيئن ٿي لڳان؟”

## تنهنجو پيار

منهنجي چهري تي،
تنهنجي نگاهہ ائين آهي جيئن،
خالي ۽ ٻُسي ڪينواس تي،
مصور جي رنگن وارو برش.

منهنجي اکين ۾ تنهنجا سپنا ،
ائين آهن جيئن،
غريب مزور جي
زال جي ٻانهن ۾ سونا ڪنگڻ.

منهنجي سوچ لاءِ تنهنجي ياد،
ائين آهي جيئن،
چنگهن ڪان معذور،
ماڻهوءَ لاءِ بيساکيون.

منهنجي هٿ تي تنهنجو هٿ،
ائين آهي جيئن،
عام جڳهہ تي ڪنهن جو سجدو.

منهنجي بدن تي تنهنجا هٿ،
ائين ڦرن ٿا ،
جيئن پنهنجي ڳوٺ جي رستن ۾،
ڪنهن جا آشنا قدم.

منهنجي چپن تي تنهنجا چپ،
ائين پون ٿا جيئن،
ڪنهن موسيقار جا هٿ،
ساز تي پوَن ۽ سُرَ چڙهي پوَن.

منهنجي لاءِ تنهنجي پيار جو ساٿ،
ائين آهي جيئن،
ٻنين لاءِ پاڻيءَ جا واهہ.

۽ منهنجي جان!منهنجي لاءِ تنهنجي جدائي،
ائين آهي جئين شايد ،
دوزخ جي باهہ بہ نہ هوندي.

**غنيمت**

مان فقط توکي ڏسندو آهيان،
۽ توکي چاهيندو آهيان،
اجايو ائين چو سوچيان،
تہ قسمت جي لڪيرن ۾،
تون آهين بہ يا نہ!؟

مان توکي ڪلنديءَ ڏسندو آهيان،
اهو ضروري چو سمجهان،
تہ تنهنجي اها موهيندڙ مرڪ،
ڪنهن لاءِ خوشين جي بارش ٿيندي!؟

مان نہ رڳو تنهنجون،
ڪاريون، گهريون اکڙيون ڏسندو آهيان،
هرويرو چو غور ڪيان،
تہ اهڙي پياري دنيا ۾،
خوابن جو شهزادو ڪير آ!؟

چو اهو سوچان تہ تنهنجي،
گهاٽن وارن ۾ ڪير وڻندو پناهون؟
توسان ملي پنهنجي من جون،
ڪير ڪڍندو خزائون؟

پر مان ائين ٿو سوچيان،
تہ ڇو نہ توکي ڏسڻ واري هر لمحي کي،
غنيمت سمجهجي!؟
پري کان ئي سهي،
ڏسي تہ سگهجي ٿو توکي،
چنڊ وانگي،
پوڄي تہ سگهجي ٿو توکي،
خدا وانگي.

## آٿت

جدائيءَ جا ڏينهن،
مان ان آٿت تي گذاري رهيو آهيان،
تہ تون جڏهن ايندينءَ،
تہ ڪيڏو خوش ٿيندس.

## پگهر

منهنجو پاءُ،
گاهہ جي وڏي پري ڪري،
ٽڪجي، پگهر ۾ شل ٿي، قميص لاهي،
پکي جي اڳيان اچي ويٺو آهي.
هو جڏهن گاهہ تي وڃي رهيو هو،
تہ مان هڪ نظم لکي رهيو هوس،
پر اهو نظم ڏاڍو ڳورو هيو،
گاهہ جي پري کان بہ گهڻو ڳورو،
جيڪو مان نہ کڻي سگهيس،
۽ اڌ ۾ ئي رهجي ويو.

هاڻي منهنجي پاءُ جو پگهر،
سُڪي ويو آهي،
پر منهنجو ان بار جي ڪري وَهيل پگهر،
اجا تائين ڪونہ سُڪو آهي،
شايد منهنجو پگهر تڏهن سُڪندو،
جڏهن اهو ڳورو نظم،
مان کڻي ويندس،
۽ مان پني تي اچي لاهيندس.

## سنڌو قاتل

اي سنڌو درياھہ!
منھنجي پيڻ جا قاتل!
اھو تہ ڄاڻين ھا،
تہ منھنجي ماءُ جي اکين مان،
وھندڙ ھر ھڪ ڳوڙھو،
تو جيتري ئي معنيٰ رکي ٿو،
اھو تہ ڄاڻين ھا،
تہ تون ھن جي پيءُ جي جسم مان،
دل ڪڍين ٿو،
اھو تہ ڄاڻين ھا،
تہ ھن کي پائرن کي شادين تي،
ميندي لائڻي ھئي،
تو اھو چو نہ ڄاتو،
تہ ھن کي اڄان جوان بہ ٿيڻو ھو،
۽ جوانيءَ ۾ سينگار ڪري،
آئينو ڏسڻو ھو.
اھو تہ ڄاڻين ھا،
تہ تون ھن جي گھر جي سيني پاتين جي دل ۾،
ھن جي قبر ٺاھين ٿو.

پرلوڪو! اڄ ڏسو اچي،

سنڌوءَ پنهنجي جرم جو،
اعتراف ڪري ڇڏيو آهي،
۽ هاڻي منهنجي آڏو،
ايڏو عظيم هجڻ جي باوجود بہ سنڌو،
اکيون جهڪائي،
قاتل وانگي آهي بيٺو،
اچو لوڪو! ڏسو اچي.

(پنهنجي پيڻ امبر جي موت تي لکيل، جيڪا 9 سالن جي عمر ۾ سنڌو درياهہ جي بيرحم لهرن ۾ جان وڃائي ويٺي)

## هڪ شهر جي ڪهاڻي

گندي پاڻيءَ جي ڍُبي،
جهڙي شهر ۾ ڪيڙن وانگر آهن،
سڀ ماڻهو.
هتي زندگي خوفزده ڇُوهي وانگر،
ڊجي ٿي،
موت جي ٻليءَ کان.
هتي زندگيءَ جي اکين ۾،
سهڻي مقصد جو ڪجل پيل ڪونهي،
پر انهن ۾ چيپون پيل آهن،
بيحسي ۽ سمجهوتي جون.

ماستر هر روز اسڪول وڃڻ کان اڳ،
بستري ۾ ئي چاهي ٿو،
تہ ڪا هڙتال ٿئي،
۽ اسڪول بند ٿئي.
پوليس وارو قانون جي ڇهري تي
ڪهروڙي ڏنل ٻڌي جهڙو آهي،
طوائف سِکي چُڪي آهي،
پنهنجو ڏيان جسم تان هٽائڻ جو فن،
۽ هوءَ برداشت ڪري سگهي ٿي،

هر مرد کي،
هن لاءِ هر مرد هڪجهڙو آ ،
جيئن ڊاڪٽر لاءِ هر مريض.
خوابن ۾ به پوپٽ پڪڙيندڙ ننڍڙا ٻار،
جنسي تشدد جي خنجر لڳڻ سان هميشه لاءِ،
روحاني گهاءَ کڻي گهمن ٿا ،
جمعي جي نماز تي ويندڙ
ڪلف ڪپڙن وارو شخص
پنندڙ ٻار کي لت هڻي عبادت لاءِ وڃي ٿو،
هتي سيڪس پيار تي حاوي آهي،
نوجوان نشي، نارين ۽ نوٽن لاءِ
بيچين آهن،
هو نوجوانيءَ واري خوبصورت عمر ۾،
هڪ ڏينهن به سڌاري جو سپنو نه ٿا ڏسن،
ڇوڪريون نہ ٿيون سمجهن،
آزاديءَ جي معنيٰ،
پوڙها موت لاءِ مشق ٿا ڪن،
سياستدان عوام کي بيوقوف بڻائن ٿا ،
۽ عوام بہ هر دفعي وانگر،
بيوقوف ٿيڻ لاءِ بلڪل تيار آهي،
هر پيشو ڪندڙ پنهنجي پيشي کي
صرف پئسي ڪمائڻ جو ذريعو سمجهي ٿو،
۽ ان لاءِ "ڪرپشن" کي فخر سان،
"پروفيشنلزم" چئي ٿو،

پر هن شهر جو سچو ۽ ذهين ماڻهو،
ڪجهه به نه ڪري سگهڻ جي ڏک کان بيزار ٿي،
خودڪشي ٿو ڪري سمنڊ ۾،
۽ سمنڊ ان ماڻهوءَ جي دل،
پنهنجي سيني ۾ رکي،
بيچينيءَ ۾،
سدائين ڇلندو ٿو رهي،
ڇُلندو ٿو رهي.

*****

مڇي رڳو اهو کائي،
جنهن جي دل درياهه آهي،
جنهن جو اندر سمنڊ آهي.

## مِينهن ۾ آلو ٿيل نظم

نيٺ اڄ مِينهن وسي پيو،
ائين جيئن ڪو،
ڳوڙها روڪڻ جي ڪوشش ۾
ناڪام ٿي،
هنجون هاري ويهي.
۽ ان مِينهن ۾ اهي سڀ پڄي رهيا آهن،
جيڪي دل جي هٿان مجبور آهن،
پر ڪجھ بيوقوف،
زڪام ٿيڻ جي ڏچ کان،
گهرن ۾ ئي واڙيا پيا آهن.

سانوري ڇوڪري مِينهن ۾،
سڄڻ موجود نہ هئڻ ڪري،
وڇوڙي جو گيت
ٻُڏي روئي رهي آهي،
۽ دل ۾ چئي رهي آهي:
“ڇا هو ڦڙين ۾ منهنجا ڳوڙها
محسوس ڪندو هوندو؟”

مِينهن ۾ پڇندڙ هڪ ناري،
جنهن کي اڃا پيار نہ ٿيو آهي،
خوبصورت غزل ٿي وئي آهي،

۽ ان تي پونڊڙ مِينهن ڪٽڻ کي،
ڪا معنيٰ ملي رهي آهي.

هڪ عاشق جنهن کي مِينهن ۾،
پنهنجي محبوبا گهڻو ياد ايندي آهي،
وچوڙي جي باهہ کي مينهن ۾ پچندي ،
وسائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي،
پر مِينهن ان تي،
گاسليٽ جيان هارجي رهيو آهي.

هڪ ڳوٺاڻو ڳوٺ کان پري،
شهر جي مينهن ۾ پچندي،
مِينهن کانپوءِ ڳوٺ جي
مٽيءَ جي خوشبوءِ ساري،
ڀٽائيءَ جي "سُر مارئي" جا
بيت جهونگاري رهيو آهي.

ننڍڙا ٻار،
ڏٻن ۾ کيڏڻ کان پوءِ گهر اچي،
ماءُ کي ڪُوڙ هڻي چون ٿا :
"اڄ اسڪول بند هو."

هڪ شاگرد هاسٽل جي ڇت تي،
مِينهن ۾ وڇڙيل وچوڙي جو درد،
هڪ ڦُوڪ ۾ سمائي،
بانسريءَ ۾ وجهي ٿو،
۽ بانسري ان درد کي،

سُرن ۾ تبديل ٿي ڪري چڙي.

هڪ پوڙهو هاري پريشانيءَ مان،
پنهنجي وڏيل ڏاڙهي کنهندي،
مِينهن ۾ وهندڙ،
پنهنجي ڇَن ڏسي رهيو آهي.

هڪ سرڪاري ملازم،
پنهنجي آفيس جي دريءَ مان مينهن ۾،
آلو ٿيل ماحول ڏسي دل ۾ چوي ٿو:
“جيڪر جوانيءَ ۾ لکيل ڊائري کولي،
ماضيءَ جي خوشبو سنگهجي.”

هڪ پيار ڪندڙ نوجوان جوڙو،
مِينهن ۾ پسي،
مِينهن کي امر ڪري رهيو آهي.

۽ شاعر،
جيڪو سين کي محسوس ڪري،
لکي رهيو آهي،
سوچن جي مِينهن ۾ پچندي،
سين کان گهڻو،
آلو ٿي ويو آهي.